
لاٽ
شمشير الحيدري

# لات

## (نظم)

## شميشر الحيدري

سهيڙيندڙ : سليم حيدري

نئون نياپو اڪيڊمي

2012ع

ڪمپوزنگ : شاهنواز ٽالپر

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

## پنهنجي نالي

## شمشير الحيدري

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”لاٽ“** نامياري ليکڪ، شاعر، صحافي ۽ سنڌ پرست شمشير الحيدري جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

”لاٽ“ پهريون دفعو 1962ع ۾ طارق اشرف ڇپايو جيڪو اڻ لڀ ٿي ويو. 2012ع ۾ لاٽ جو ٻيو ڇاپو نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچيءَ پاران ان وقت شايع ٿيو جڏهن شمشير الحيدري آغا خان اسپتال ڪراچيءَ جي بيڊ تي زندگيءَ جا آخري ڏينهن ڪاٽي رهيو هو.

شمشير الحيدري جو تعارف ڪهڙن لفظن سان ڪجي، هو دبنگ صحافي، اڙٻنگ ايڊيٽر، آزاد نظم جو بنيادڪار، منفرد گيتڪار، با شعور ناٽڪ نگار، باوقار اسٽيج سيڪريٽري خود دار انسان، سماجي ورڪر ۽ ان سان گڏ سند يافته حڪيم پڻ هيو. هو هر فن مولا هو، هو مست هو، ملنگ هو، يوڳائي هو. اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ نور محمد هائي اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا نه ڏيڻ وارن کي اها خبر نه هئي ته هي بار اڳتي هلي وقت جو وڏو شاعر ٿيندو ۽ سنڌي ادب جو هڪ روشن منارو ثابت ٿيندو.

ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي
مهاڳ: ڊاڪٽر ايوب شيخ
پنهنجي پاران: شميشرالحيدري

حمد
نعت
مداح
ڌمال
عالمي ترانو
مجرو
قوالي
پيروڊي
لاٽ
لطيفي لات
ڪاڪ محل
پيدائش
انقلاب جي سرحد
آرزو جو سفر
پيشڪش
تخليق
هجرت
مٽي جو ماڳ
الوداع
چنڊ سان چاهُ
تڪليف جو اعتڪاف
جيسين سج ايري
لومبا جي شهادت
پراڻا حربا

محاذ
زندگي جا سؤ سوال
زندگي سان پيار ڪر
خدايا
پُور
اڪيلي ڪونج
سنڌ جو ضمير
همسفرو!
مسرت جي منزل
ڪاغذ جو گل
جنگ جو ديوتا
وقت
انت بحر ۾
مشورا
فرصت
حسنِ نظر
سچ دروازا وسدا هي
عاشق هليا اکين سان
1973ع واري ٻوڏ
نيرين اکين وارو چنڊ
ويراني
ترائيل
ترائيل
پراڻو سو سڏ
پَٽُ وڏو ڏوهاري آهي
مان ڏوئي آهيان
قطعا

**اردو تراجم**

**سندرتا کی جیت**
**دھمال**
**مین کہ اک تنہا مُسافر**
**فرزندِ سندھ**
**الوداع**

**خيال کی بستي**
**کاک محل**
**دیے کی لو**
**انقلاب کی سرحد**

## English

An offering
Life

# پبلشر جو نوٽ

سنڌي ادب هوند ڪڏهوڪو فنا جي ٺهن هِيٺ دٻجي ختم ٿي وڃي ها! جي سنڌي ادب جا گهڻ گهرا ڳُڏي ڪنڌ نہ ڪپائن ها . . . زبانون نہ ڪپائن ها . . . ڦاهين تي نہ چڙهي پون ها . . .

اڄ جيڪي اَمُلهہ ليک لکڻيون اسان جي پلئہ پيون آهن. سي تہ جڻ، ان رات جو اولڙو آهن، جا ٽٽي جي ڇئوواٽن تي سنڌ ڏٺين جي ٻتن منجهان سِير ڪري وهي نڪتي هئي يا ڦاهيءَ جي ڦندن تان آخري هڏڪيءَ جو پڙلاءُ.....!! جيڪو اڄ بہ ڪن لائي سڻڻ سان چڱيءَ پر سُڻي ۽ هَنبائي سگهجي ٿو . . .

يٽائيءَ جي پڪڙيل روشنيءَ جي آڪٽ ۽ اَپار اوجر ۾ . . . اياز جي سنيهن، سرٻاٽن ۽ چنگهاڙن ۾ . . . استاد جي آهن ۽ دانهن ۾ . . . شميشر جي صدائن ۾ . . .

ڇئوڦير جي انڌڪار ۾، سنڌي ادب، اديب ۽ ادب چاهڪ گهٽڻ ڪان اڳتي آهن ۽ جڳ ۾ ڪتابن جي پيٽا پيٽ ۾ ڪنهن ڏاهي دوست چواڻي: "اڄ سنڌ ۾ روز جي حساب سان ڏيڍ ڪتاب پڌرو ٿئي ٿو . . !!"

اها ڪا هِھڙي نوڳي روڳي جڳ ۾ گهٽ ملهائتا آهي!؟.

پر پوءِ هِت اهو سوال ٿو اُٿي تہ آخر اهي ڪير آهن؟ جي اهڙي جُڳ ۾ روشنيءَ ۾ پيا سنڌ امڙ ڪي جرڪائن ۽ واٽهڙن کي دڳ لائن . . . ؟

هي جو ڇئوڦير انڌڪار ۾ اٽڳٽيا ڏيئا ٻري رهيا آهن تن ۾ تيل وَٽِ ڪير آهن!!!؟

اڄ جو شمشير کي پَسون ٿا تہ رڙ نڪري وڃي ٿي "ابول"! هي ئي تہ اُهي هئا جن کي ٽٽي جي گهٽين، گهاٽن ۽ ڇئوواٽن تي ڇيڙي ڦاڙي لوڻ پئي ٻرڪيا ويا، سندن جيون نڙين منجهان پٽيون / ڪٽيون پئي ويون . . . ۽ جن پوءِ بہ دل ئي ۾ بہ ورنايو پئي: "مرنداسين تہ مٽيءَ مان! پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب."

۽ هي گلاب تہ ڏسو! جو اڄ ڪوماڻيو پيو وڃي، سچو جيون ادب کي دان ڪندڙ، وڏن وڏن ليڪڪن، ڪهاڻيڪارن، شاعرن جون تخليقون سنواري سينگاري انهن کي جڳ آڏو ٻي مثال ٻڻائي ڇڏيندڙ "ماڻهو" اڄ جيون جي بہ واٽي تي هيڪل وياڪل وينو آهي، شايد جنهن وٽ ڇگو پلو ڪو گهر بہ ڪونهي، پوٻاڙيءَ جي پاڇولن ۾ سنگت سات ۽ سرڪار جو سات بہ ڪونهي . . .

هي ڪتاب: "لاٽ" ڇپرائي پڌرو ڪرڻ سندس ذات ۽ مان جو ڪاٿو تہ ناهي پر پوءِ بہ اسان هن ڪارج کي پنهنجي پر ۾ هڪ موچارو مقصد سمجهون ٿا . . . .

اوهان ڇا ٿا سمجهو ان جي خبر چار ڏيندا تہ ڪل پوندي . . .

شميشر الحيدريءَ لاءِ دعائن سان گڏ هيءَ سوکڙي شل ڪيس قبول پوي.

**انعام عباسي**

# ايتري قدر.........

هي 1990ع جي ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ مون شمشيرالحيدري صاحب کي پهريون ڀيرو ڏٺو تہ مشهور ڳائڻي مهجبين قزلباش جو ڳايل سندس ڪلام ”تون ياد وري آئين“ سامهون ٿي بيٺو. سنهڙو سيپڪڙو پر عزم ۽ ارادن جو هماليہ! هن جو عزم ۽ سندس بدن هڪٻئي جي خلاف هيا. ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. ان کان اول، هن جي ادارت هيٺ شايع ٿيندڙ ”نئين زندگي“ ۽ تماهي ”مهراڻ“ جا پراڻا رسالا قمبر ۾ اسانجي دوست مرحوم ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪري خاص پڙهائي هيٺ رهيا هئا. ايم آر ڊي جي جدوجهد ۾ وري رجعت پسندي جي القابن سان سٽيل روزاني ”مهراڻ“ جهڙي اخبار کان ڪم وٺڻ جي ڪري شمشير ان هلچل جو ميڊيائي هيرو بڻجي چُڪو هيو. پريس ڪلب ۾ هن جي ويجهو وڃي وينس. نہ حال نہ حوال، بس جيڪو نئون آيو سو خبرون ۽ ڪچهري ۾ شامل ٿيندو ٿي ويو. مختلف ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي اوچتو پنهنجي تڪيئي ڪلام کي اچاريندو ويو. . ايتري قدر!

هن پنهنجي ڄمار جو هڪ قاعدو ٺاهيو آهي تہ جيڪي صحيح سمجهجي، ان تي بيهي رهجي. حالتون ۽ ميدان ڪهڙا بہ هجن. ڳالهہ اهائي ڪجي جيڪا پاڻ کي درست محسوس ٿئي. پير صاحب پاڳاري جي اخبار جنهن کي رجعت پسندي جا سڀ القاب مليل هئا تنهن ۾ شمشير اهو ئي ڪيو جيڪو سندس زندگيءَ جو نيَم يا اصول رهيو هو. ٽن مهينن ۾ اخبار کي آسمان تي پهچائي پاڻ لامارا ڏيندو اچي ڦهڪو ڪيائين. ڪرڻ مهل هن ضرور چيو هوندو. . . ايتري قدر. . . !

هن ڪتاب جي ڇپائي جي ڪهاڻي الاهي وڏي آهي. اها ڏُکائيندڙ ۽ دل وندرائيندڙ آهي. ڏُکائيندڙ هن معنيٰ ۾ تہ ڪتاب کي اٺ مهينا اڳ اچڻو هيو ان جا پرنٽر، پبلشر، ڪمپوزر، پروف ريڊر سڀ ٻيا هيا. ڪتاب جو مسودو ڪراچي مان ٿيندو، ٺٽي ضلعي جي ميرپوربٺوري کان حيدرآباد پهتو. ان شهر مان ڪتاب کي شايع بہ ٿيڻو هو انجي مهورت جو لافاني ڪاج بہ ٿيڻو هيو. وندرائيندڙ هن معنيٰ ۾ تہ جن ڪتاب ڇپائڻ جو وعدو ڪيو هيو ان جا هر دفعي اهي زبردست سچائي تي ٻڌل جملا ملندا هيا تہ ” ڪتاب جُلد لاءِ موڪليو آهي“ ۽ ”بس رڳو بائينڊر کان ڪٽائي اوهان ڏي ڪراچي موڪلڻو آهي“ پر، اها خبر پوءِ پيئي تہ ڪتاب جو مسودو ۽ سندس سچائي هڪ هنڌ پنڌ پهڻ تي ويا هئا. مون پاڪستان ڪوارٽر ۾ سندس جهوپڙي نما گهر ۾ اهو قصو ٻُڌي سندس ئي تڪيو ڪلام ورجايو. . ايتري قدر!

تاريخ ۾ لکيل آهي تہ مغلن جو هڪ اهڙو دور بہ آيو هو جڏهن، سزا ڪاڌل جوانن جون مائرون پُٽن ڪي ملندڙ سزائن ختم ڪرڻ جي گهُر نہ ڪنديون هيون، پر وقت جي بادشاه ڪي ٻاڏائي چونديون هيون تہ سندن اولاد ڪي جيڪا سزا ملي سا خير، هاڻي رڳو ان جو لاش وڻ تان لاهي ڏيو تہ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪجي. سو شمشير جي چوڻ تي سندس نظمن جي مسودي ڪي انتظار جي ڦاسيءَ واري اوچي وڻ تان لاهڻ لاءِ واڪا ڪرڻ شروع ڪياسين. انهن ڪچهرين هلندي، مون شمشير الحيدري صاحب ڪي چيو تہ آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ سندن جيئري ڏينهن ملهائڻ جو ڪم ضروري آهي. هدايت بلوچ، غفار تبسم ۽ ستار پيٽي جي موجودگي ۾ ان پروگرام جي تاريخ ۽ ڳالهائڻ وارا طئي ڪيا ويا. شميشر وري پنهنجي مهربان دوستن جا نالا ڏنا تہ اهي ضرور گهرائجو. آرٽس ڪائونسل ۾ ساڻس 19 مئي 2012ع تي شمشيرالحيدري سان تاريخي رهاڻ ڪئي ويئي. ناميارا ڳالهائڻ وارا، سوين منظم حاضرين ۽ سندس ڪتابن جي مهورت جو پروگرام ڪيو ويو. ان تاريخي موقعي تي هي ڪتاب حيدرآباد مان شايع ٿي ان رهاڻ ۾ پيش ٿيڻو هيو. پر ”مسودو“ ڪتاب نہ ٿي سگهيو.

هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. مونکي پندرنهن ڏينهن اڳ پي ڊي ايف طرز جو فائيل مليو ان ڪري ان ڪي ٻيهر ڪمپوز ڪرائڻو پيو پوءِ وري ان جا پروف ڏسڻا پيا.

شمشيرالحيدري ڪيتري قدر وڏو شاعر، اديب، صحافي ۽ ايڊيٽر آهي، ان جي باري ۾ وڌيڪ اوهان ڄاڻو ٿا. اسان هي ڪتاب ڇپائي هاڻوڪن نسلن تان ذلتن جو بار گهٽايو آهي. اسان چاهيون ٿا آرٽس ڪائونسل ۾ سنڌي پڙهندڙن جي هڪ ريڊرز ڪلب هجي، هڪ ايسوسيئيشن هجي، هڪ گڏپ هجي. ان جا بہ چار هزار ميمبر هجن. هر ميمبر ماهوار معمولي في ڀري. انهن ميمبرن ڪي هر سنڌي اديب جو شايع ٿيندڙ ڪتاب نج پج مُور واري قيمت تي ملندو رهي. آرٽس ڪائونسل اهڙي نموني هڪ ناٽڪ منڊلي تي سوچي رهي آهي تہ جيئن سنڌي ناٽڪ ٻيهر مرده خاني مان موٽي اچي سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. اهي ڪلب ميمبر هر مهيني پنهنجي ڪُٽنبن سان اهڙا ناٽڪ مفت ۾ ڏسي سگهندا.

اسان ان ئي خيال کان هن ڪتاب جي قيمت بلڪل ٿوري رکي آهي. اسان هر بهترين ڪتاب جي مهورت ڪرائي، هزارين پڙهندڙن ڪي ان ۾ گهُرائي هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪنهن بہ سنڌي اديب جو ڪتاب خاص ڪري سندن پهريون ايڊيشن پهرين سَٽَ ۾ اوهانجي سڀورن هٿن تائين پهچائڻ جو خيال ۽ رٿا رکون ٿا. سنڌي اديب جو زندگي ۾ هڪ ڪتاب، ان جو هڪ ايڊيشن ۽ ان جو هڪ هزار ڇپجي، سا ڳالهہ اسان ڪي قبول ڪانهي، اسان اها غلط روايت ۽ سنڌي ليکڪن جي ورهين کان حوصلي شڪني زبردست ٻڏيءَ ۾

زبردست محنت سان تبديل ڪنداسين. ان واسطي هن ڪتاب ۾ الڳ فارم ڏنو ويو آهي جيڪو اوهان ڀري موڪليندا. اوهانجي آٽوميٽڪ ميمبر شپ ٿي ويندي.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾، ان جي پروفن ۽ ڇپائي ويندي قيمت جي باري ۾ اوهانجا جيڪي بہ ويچار هجن، تن جي باري ۾ اسان کي ڄاڻ ضرور ڏيندا. اوهانجا مشورا ۽ تنقيدون اسان جي رهبريءَ جا ڪي رستا ٿاهي سگهنديون. ايتري قدر....

شمشير جي لفظن ۾
يقين آهي تہ ايندا ڀنيان اڇڻ وارا،
اچي هتي ئي ڪندا پنهنجي وقت جي منزل؛
انهن جي لاءِ ڀلا ڪا تہ روشني گهرجي،
مچائيندا جي وڏي اڳتي عزم جي محفل!

## ڊاڪٽر ايوب شيخ

چيئرمين: فوڪ ۽ هيريٽيج ڪاميٽي
آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان
3 جولاءِ 2012ع

# پنهنجي پاران

منهنجي ڪلام جو مختصر مجموعو، 1962ع ۾ طارق اشرف ڇپايو هو. اسي صفحن جي انهي ڪتابڙي ۾ مختلف صنفون ڏنل هيون. انهن گذريل پنجاهه سالن ۾ ٻه نسل مٿي چڙهي آيا آهن، جنهن دوران مختلف صنفن ۾ ڪلام جو وڏو ذخيرو موجود ٿي ويو آهي پر هن مجموعي ۾ رڳو جديد انداز جا نظم ئي ڪٺا ڪيا ويا آهن. جديد نظم، اسان کي يورپي ٻولين وٽان مليو آهي، جيڪو بند جي شاعري ۽ آزاد نظم جي صورت ۾ لکيو رهيو آهي. انگريزيءَ جي سانيٽ ۾ چوڏهن سٽن جي مقرريءَ ڪان سواءِ ڪا ٻه اهڙي ڳالهه نہ آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ نہ ايندي هجي، البت ترائيل ۾ ڪافي تجربا سنڌي شاعرن ڪيا آهن. آزاد نظم، جيڪو اڳي اختلافن جي وڙ چڙهيل هو، تنهن کي هاڻي نظم جي مُستند صورت مڃيو ويو آهي.

هن مجموعي ۾ بند ۽ آزاد نظم، ٻنهي صنفن جو ڪلام پيش ڪيو ويو آهي. هي مجموعو ”نئون نياپو اڪيڊمي“ ڪراچيءَ پاران شايع ٿي رهيو آهي، جيڪو اڪيڊمي پاران ڇپجندڙ منهنجو ٻهريون ڪتاب آهي. جيڪو منهنجي لاءِ خاص اعزاز جي برابر آهي ان لاءِ آئون اڪيڊمي جي سرپرستن ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ انعام عباسي جو حجت منجهان ٿورائتو آهيان. جنهن هن ڪتاب جي پڌري ڪرڻ توڙي ان جا پروف وڏي ڌيان سان چيڪ ڪرڻ جو ڪم ڳُل ملائي ٻن هفتن ۾ پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذمي ڪنيو.

1962ع واري ڇپيل ڪتابڙي جو نالو ”لاٽ“ رکيو ويو، جيڪو وري نظمن جي هن مجموعي تي، مواد جي خصوصيت سبب ساڳيو ئي رکيو ويو اٿم.

آخر ۾ آئون پنهنجي پُٽ سليم حيدريءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي مواد گڏ ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ لاءِ ڪافي دلچسپي ورتي.

**شمشيرالحيدري**

2 جولاءِ 2012ع

ڪراچي، سنڌ

## حمد

هُو ئي هُو، هُو ئي هُو!
ازل حقيقت، ابد حقيقت، حال حقيقت، هُو ئي هُو،
وحدت اندر ڪثرت وارو خيال حقيقت، هُو ئي هُو،
هڪ ئي جوت جمال، حقيقت، هُو ئي هُو...

وڻن ولين ۾، گلن ڦُلن ۾، ڪک پن اندر هُو ئي هُو،
مٽيءَ پاڻيءَ، سورج چند ستارن اندر هُو ئي هُو،
هڪ ئي جوت جمال، حقيقت، هُو ئي هُو...

ماڻهن پکين، حيوانن جي ساهن اندر هُو ئي هُو،
ڪاري ڳوري، شاه گدا جي روپن ۾ هُو ئي هُو،
هڪ ئي جوت جمال، حقيقت، هُو ئي هُو...

مسجد مندر، گرجا اندر، هو ئي وسي ٿو، هُو ئي هُو،
محلن جهوپن منجهه سراسر هو ئي وسي ٿو، هُو ئي هُو،
هڪ ئي جوت جمال، حقيقت، هُو ئي هُو...

❖

## نعت

اڄ تہ ڪو منھنجي تصور کي اچي خوشتر ڏسي،
عرش تي پھتو وڃي ڌرتيءَ جو دانشور ڏسي.

خلد ۾ انسان جي تخليق جو منظر ڏسي،
سڀ ملائڪ کي سراسر سجدي جي اندر ڏسي.

لعنتي ابليس کي خالق اڳيان خود سَر ڏسي،
۽ وري آدم حوا کي، بھشت کان ٻاھر ڏسي.

نُور کي مٽيءَ جي بوتي ۾ اچي اظھر ڏسي،
خُلق اعظم، احسن التقويم جو مظھر ڏسي.

ھو جلي ٿو اڳ ۾ ئي جبريل جو شھپر ڏسي،
ھو پُڄي ويو عرش اعلىٰ تائين پيغمبر ڏسي.

❖

# مداح

در صفت مرشد راهنما
منهنجو هڪڙو هادي آهي، مرشد راهنما،
سڀ کان سهڻو، سڀ کان سياڻو، خلقيو خاص خدا.
جيڪو سڀ کان بهتر، برتر، جيڪي منجهه جهان،
جنهن جو ڪوئي ثاني ناهي، اعلىٰ اعظم شان.
جيڪو جڳ جي اک جو تارو، جلوو جوت جمال،
دنيا ۾ جو دائم آهي، قائم ساڻ ڪمال.
سورج جي ڪرڻن جيان جنهن جو آهي فيض مدام،
چانڊوڪيءَ جي روپ اندر ڄڻ آهي ڪو الهام.
حسن حقيقي آهي جيڪو، جيڪو عشق امام،
جيڪو عامن کي ٿو بخشي الفت جو انعام.
جنهن جي ڪائي صورت ناهي، روپ نهڪو ٻهروپ،
سپني وانگر رهندو آهي اکين منجهه الوپ.
جيڪو هرجا حاضر ناظر، جڳ جڳاندر جهور،
دانا بينا، چاٽي ٿو گهڙيءَ گهڙيءَ جو پُور.
حاوي حاڪم آهي، هوا تي چڙهي ڪري ٿو سير،
جنهن جي همت سان ڪو ٽڪرائي، ڪوئي ناهي ڪير.
اڀ ۽ ڌرتي جنهن جي دهشت ساڻ دهلجن روز،
جنهن جي جرئت آڏو ڪوئي آيو ناهي هنوز.
وقت جنهن کي نہ جڪڙي سگهيو، ڪڏهين ڪو زنجير،
موت جنهين  کي روز جيئاري، اهڙو آهه امير،
روز اول کان جيئرو آهي، مرڻو ناهي مور،
”ڪُن فيڪون“ جو سِر الاهي، مٽيءَ ۾ مستور.
مٽي ناهي، مٽيءَ جي هر ذري ۾ موجود،
جنهن ۾ سڀ سنسار سمايل آهي لامحدود.
ڪڏهين ذرتيءَ جي ڇاتيءَ تي رقص ڪري سنگيت،
ڪڏهين آڪاسن ۾ اڏري پاڻ پڇائي پريت.
ڪڏهين مکڙيءَ ساڻ کلي ۽ ڪڏهين گل سان روءِ،
ڪڏهين ڳوڙهو خيال ته ڪڏهين ڳوڙها بڻجي پوءِ.
ڪڏهين راتيون جاڳي ويٺو فهم ڪري فڪرات،
ساري جڳ جا سُور سنياري، ڏاري پنهنجي ذات.
ڪڏهين خود ئي خود ۾ گم ٿي، ڳائي ويٺو ڳيت،

هن سان ڪنهن جي پريت نہ آهي، هن جي سڀ سان پريت.
ڪافر مومن آهي، ناهي، جيڪي آهي پاڻ،
جنم جنم جو جوڳي آهي، ڇاڻي ڪو اڻڄاڻ.
سوئي منهنجو هادي آهي، مرشد راهنما،
سڀ ڪان سهڻو، سڀ ڪان سياڻو، خلقيو خاص خدا.
ڪهڙو تنهن جو نسب ٻڌايان، ڪهڙو ملڪ ملير،
اوچو ان جو نانءُ مبارڪ، وه واهہ ”شاهہ ضمير!“
❖

## ڌمال

ڌمر ڌما ڌمر مست قلندر سنڌڙي دا،
جڳ دي ڪارڻ ٻڌيا سهارا جنڌڙي دا.
ڌمر ڌمر ڌمر ڌمر نوبت وڄي،
سُڻ سُڻ آپي دشمن ڀڄي،
جهنڊا جهولي ڪپي سڄي،
ميندي شانان والي ڪڄي،
روح جنهين ڪو ڏيک رڄي
جڳ دي ڪارڻ ٻڌيا سهارا جنڌڙي دا . . . .

ڪتان ڪتان خلقان اچن،
شهر سيوهڻ وچ ميلي مچن،
در در ڏومر ڌمالان لڳن،
گهر گهر گهنڊ گهڙيالي وڄن،
مست مگن سب ناچو نچن،
جڳ دي ڪارڻ ٻڌيا سهارا جنڌڙي دا . . . .

سنڌڙي پياري پرور دي هي
سنڌڙي سهڻي سرور دي هي
سنڌڙي حاڪم حيدر دي هي
سنڌڙي شاهه سُخنور دي هي
سنڌڙي سچل شاعر دي هي
نا بيدرد تونگر دي هي
نا ڪنهن سگ ستمگر دي هي
سنڌڙي لعل قلندر دي هي
ڌمر ڌما ڌمر مست قلندر سنڌڙي دا . . .

❖

## مزدورن جو عالمي ترانو

(مزدورن جي عالمي تراني ”انٽرنيشنل“ جو ترجمو)

اٿو اٿو، بکن جا ماريل اٿو!
اٿو اٿو، ڏکن جا ڏاريل اٿو!
اي ڳٽتين جا ڳاڙيل، مصيبتن جا ماريل،
صدين جي سازباز سان، صليب تي سمهاريل،
اٿو اي وقت جا وساريل اٿو!

اٿو جو هاڻي فيصلي جو سج پيو ڳني ڪڍي،
اٿو جو هاڻ هڪ نئون جهان پيو جنم وٺي،
اٿو نصيب جا ڌڪاريل اٿو!

ڏسو ته هو روايتن جا ڪاڪ محل پيا ڪرن،
ڏسو ته هو غلامين جا ڪوٽ ڍير پيا ٿين،
اٿو مصيبتن جا ماريل اٿو!

اٿو جو هاڻ پنهنجي هيءَ جنگ آهي آخري،
سنڀاليو پنهنجا مورچا، محاذ تي وري وري،
اٿو اي ڳٽتين جا ڳاڙيل اٿو!

اٿو نئين نظام کي سلام سڀ ڪريون ملي،
نئون نياپو ”انٽرنيشنل“ جو عام ٿئي يلي،
اٿو اي وقت جا وساريل اٿو!

ڪورس
مک فنڪار: دين محمد شيخ
ڌُن: ڪريم شهاب الدين
”نئين زندگي“ ڪراچي: اپريل مئي 1975ع
23 اپريل 1974
پي ٽي وي تان پهرين مئي تي پيش ٿيو.

## مجرو

ڏيک ڪوئي خودي دا خيال،
اسان عشق ڪيتا هي اپڻي نال.
اسان صورت پي سينگار پي هون،
اسان دل پي هون، دلدار پي هون.
آپي جلوه تي آپ جمال،
اپڻي ٿيوسي آپ مثال. . .
اسان نور برهه دي بستي دا،
اسان حسن ٿيو سي هستي دا.
آپي هجر تي آپ وصال،
اپڻي ٿيوسي آپ  مثال.
ڪٿ مومل ڪلدي ڪاڪ محل،
ڪٿ سسئي رلدي جهنگ جبل:
آپي جواب تي آپ سوال. . .
اپڻي ٿيوسي آپ مثال. . .

## قوالي

ها ڪئي اڄ آهي دلبر، ها ته ها – ها تي وئي،
واهه جو تي ڳالهه وئي يَر، وا ته وا – وا تي وئي . . .

ڪيئن الائي آئي هئي، ۽ ڪيئن وري کسڪي وئي،
جنهن جي لئهِ جهلياسين پادر، سا ته سا – سا تي وئي. . .

بس رڳو مُنهن ميل ٿيو محبوب سان هڪ منٽ جو،
چا ٿيو، چا چا نه ٿيو، پر، چا ته چا – چا تي وئي. . .

ڪجهه نه هو، يَر ڪجهه نه هو، پر ڪَر خرابي ڪئي وڏي،
هن هَلايو اهڙو چڪر ، آ ته آ – آ تي وئي. . .

واٽ ويندي ويا ورائي جواڻ ٽونشيبازَڪي،
مفت ۾ ماريائون شاعر، ٽا ته ٽا – ٽا تي وئي. . .

پنهنجو چاهي، پل رهي خوش يار پنهنجي خرچ تي،
ٽا، ڪئيسين پاڻ هيڪر، ٽا ته ٽا – ٽا تي وئي. . .

## پيروڊي : سنڌڙيءَ کي سر ڪو ٻہ نہ ڏيندو

گھُمي ڏسو بازارَ او يارَ
سنڌڙيءَ کي سر ڪو ٻہ نہ ڏيندو،

جھول جھلي جنھن وقت پٽائي،
ٽيندا پو ڳ هزارَ او يار......

ملڪ مڙئي ميدان تي ويندو،
ڪنبندي پوءِ ڪٽارَ او يار...

گھڙا ڪٽي گھڙنديون سئو سُھٽيون،
ڪنگھندا ڪونہ ميھارَ او يار....

ڪانگ پلا چا ڪيرائيندا،
دوکي جي ديوارَ او يار... .

ماهيا ويٺا ڳائين سنڌ ۾،
ٻيجل جا سڀ ٻارَ او يار ...

(شيخ اياز جي وائي ”سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو“ جي پيروڊي)

# لاٽ

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي،
سندم نگاهہ جي سامهون عجيب منظر هو:
پري، تمام پري، هئي خيال جي بستي،
قريب و دور فقط منهنجو ئي تصور هو.

عجيب قسم جي تنهائين جو هو ماحول،
وڏو وسيع هو ميدان، رات جو عالم:
فضا ۾ خوف جا آثار سڀ هئا پيدا،
سڄي جهان جا انڌيرا اتي هئا باهم.

هوا جو هانءُ ٿي ڦاٽو، ڪري وڏا واڪا،
رکي رکي ٿي وري بجلين کي وحشت ٿي:
ڌُڪيا ٿي چئن طرف ڪيئي ديو طوفان جا،
قضا جي خوف کان ڌرتيءَ کي پڻ دهشت ٿي.

مصيبتن جي انهيءَ رات تي نظر رکندي،
ڀلا ڏيئي کي مجال آهي جو رهي قائم؟
هلائي ڪير اڇي پنهنجو ايترو حيلو،
مٽائي خود کي، ڏيئي کي رکي صحيح سالم؟

مصيبتن جي انهيءَ رات تي نظر رکندي،
يقين جي تہ هتي حد ئي ڪٽي آهي
مگر خيال جي بستيءَ ۾ ڇا نہ هو ممڪن،
هوا جي هنج ۾ شعلي جي پروش ڇاهي!

هتي تہ نُور نچوئي پيو ڪو نيڻن مان،
گهڙيءَ گهڙيءَ پيو اوتي اهو ڏيئي اندر:
وري وري پيو وَٽِ کي مٽي مٽي سوري،
جُهڪي جُهڪي پيو دامن بنائي سايہ گر.

ڏيئي جي لاٽ وسامي وئي ته ڇا رهندو؟
اڃا ته ڪيئن محبتن جا مرحلا ايندا!
اڄوڪي رات جي مومل جو حال ڇا ٿيندو،
۽ ڪيئن ڏينهن جي راڻن جا قافلا ايندا؟

يقين آهي ته ايندا پنيان اڃڻ وارا،
اڃي هتي ئي ڪندا پنهنجي وقت جي منزل:
انهن جي لاءِ پلا ڪا ته روشني گهرجي،
مچائيندا جي وڏي اڳتي عزم جي محفل!

محبتن جا اهي مرد پهلوان هوندا،
ڪندا هوا کي مسخر، ۽ رات کي برهم
فلڪ جو اوج انهن جا اڃي قدم چمندو،
نرالي نور جا مشعل جلائيندا هر دم.

ڏيئي جي لاٽ ته هر حال ۾ رهي قائم،
اهوئي منهنجي مقدر جو فيصلو آهي:
پهاڙ جهڙا ارادا رکان ٿو سيني ۾،
هوا جي زور کان زيادهه ئي حوصلو آهي.

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي،
اڄوڪي دور جو دانا ڪري پيو محنت:
زمانو طئي ڪري آيو خيال جي بستي،
نرالي نور کي روڪي نٿي سگهي طاقت!

## لطيفي لات

وقت تي حالات جا پاچا پيا،
چوطرف خاموشين شورش ڪئي،
ظلمتن کي رقص جو موقعو مليو،
روشني چپ چاپ منهن موڙي وئي،
روح کي بيچينيون گهيري ويون،
دانهن ڪان مايوس تي، سُڏڪا پري،
زندگيءَ قيديءَ جيان روئندي رهي:
ڪيئي صديون، ڪيئي سال،
عقل جي تاريخ موتي پئي وئي.

تنهن گهڙيءَ،
وقت جي شاعر جي دل تڙپي اٿي!

ڏيان جي ڪڙڪي ڪُلي،
روح کي پرواز جي طاقت ملي،
ذهن ۾ لهرائي ويئي زندگيءَ جي روشني،
۽ اچي ويئي نظر،
پنهنجي ماضيءَ جي خبر:
شاعرن جو شهنشاه مصروف هو،
پنهنجي نغمن ۾ پريائين پئي اثر:
ڪُل زمانو وقت جي آلاپ سان سرشار هو،
۽ سچي تاريخ جڙ بيهي رهي،
ڪو زمانو تي ويو،
ظلمتون ۽ روشنيون ايندون رهيون،
دوبدو ٿينديون رهيون،
هر گهڙي هڪ آزمائش،
هر گهڙي هڪ امتحان،
ڪير ڪنهن جو ترجمان؟

هر طرح جون نعمتون موٽي ويون ٽڪرائجي،
هار ڪائي ويا زماني جا فريب،
آخر پڙڪي اٿي دوزخ جي آگ،
يعني مرڪي پئي جنت جي ڪنيز:
ظلمتن جا چا خبر،
وقت جو شاعر مگر مصروف هو،
جنهن جي دل ۾،
روشني جو راڄ هو، سوراج هو.

وقت تي حالات جا پاچا پيا،
چوطرف خاموشين شورش ڪئي،
ظلمتن کي رقص جو موقعو مليو،
ڪيئي صديون، ڪيئي سال:
وقت جو شاعر اجا ڳائي پيو،
زندگيءَ جي ساز تي،
پنهنجي لطيفي لاٽ کي!

# ڪاڪ محل

زندگي ڪاڪ محل آهي ڪو رنگا رنگي،
جنهن ۾ مقصد تو سدا ناز ڪري مومل جان،
دور ڪان دل لڀائي، نہ اچڻ ڏئي ويجهو،
ڪير آهي جو لنگهي پار پوي مشڪل مان؟

جيڪو اڳتي تو وڌي، ڪائي اهو ڪيئي فريب،
جادونگريءَ مان بچي ڪير سگهي، ڪير ڀلا؟
ڪن کي نوميدي ڪيدي ڏند پئي ڏيڇاري،
ڪن کي ڏائڻ جيان ڏڪائي تو پيو موت، الا!

روز اميد، ڪري هار ۽ سينگار نوان،
پاڻ کي خوب سجائي، تي لڀائي دل کي،
عارضي سونهن تي هِرکي ڪئين جوڌا ۽ جوان،
راهہ ڀلجي ۽ وساري ٿا ڇڏن منزل کي.

ڪير منزل کي رَسي؟ ڪير تو ماڻي مومل؟
جان جادوءَ مان ڀلا ڪوئي ڇڏائي تہ سهي!
ڪوئي لاهوتي لنگهي اڳتي، وڃي مقصد ڏانهن،
چال چورين جا ڏسي، ڪوئي لنوائي تہ سهي!

ها، مگر ميندرا منزل کي رَسي ئي رهندا،
جادونگريءَ جا طلسمات ٽٽي ئي رهندا!
عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڏوڪي،
پنهنجي حالات جي مومل کي پسي ئي رهندا!

مال موهي نہ سگهيو، ڪاڪ ڪان جهلجي نہ سگهيا،
چال چورين جا لنگهي ڪاپڙي وڌندا ئي رهيا:
مون کي شاهہ ڀٽائيءَ جي وري ياد آئي،
پنهنجي مومل سان ملڻ جي آ وري اڄ وائي.

## پيدائش

اڄ وري تاريخ جا دفتر کليا،
اڄ وري انسان جا جوهر کُليا.

اڄ وري جاڳيو زماني جو ضمير،
اڄ وري انصاف تي ڏمريو اسير.

اڄ وري زنجير سان سرچاءُ ٿيو،
اڄ وري زندان جو ٿهراءُ ٿيو.

اڄ وري اظهار تي پهرو لڳو،
اڄ وري منصور ڦاهيءَ تي چڙهيو.

اڄ وري لتجي ويو فطرت جو باغ،
اڄ وري ڦاٽي پيو هستيءَ جو داغ.

اڄ وري تهذيب کي ٺوڪر لڳي،
اڄ وري زخمي ٿيا دل جا ڏٺي.

اڄ وري مهراڻ آيو موج ۾،
اڄ وري ڏرتي ٻُڏي وئي کوج ۾.

اڄ وري احساس جي پالوٽ ٿي،
اڄ وري جذبا اٿيا اٿموٽ ٿي.

اڄ وري ڪجهه دلبريون حاصل ٿيون،
اڄ وري ڪجهه آيتون نازل ٿيون.

اڄ وري تخليق کي شاعر مليو،
اڄ وري دنيا کي پيغمبر مليو!

## انقلاب جي سرحد

حُسين ابن عليءَ کي شهيد ٽيڻو پيو،
خدا جي راهہ ۾ انصاف کي بہ مرڻو پيو:
فلڪ کي ظلم جو هي اهتمام ڪرڻو پيو،
قضا کي دين جي خاطر يزيد ٽيڻو پيو.

سدائين ڪوڙ ڪٿيو جبر جي سهارن تي،
دبائي سچ کي تقدير جي حوالن سان:
رکي سياهيءَ جو الزام چنڊ تارن تي،
عجب مذاق انڌيرن ڪيو اجالن سان.

جو زهر پيتو هو سقراط ڪنهن زماني ۾،
گلن جي ماڪ ستارن جو نور بڻجي ويو:
حيات جنهن جي طلب ۾ رهي ٿي سرگردان،
اهو ئي وقت جو دل جو سرور بڻجي ويو.

ڳلي جا طوق بدلجن پيا سدا هر سُو،
ڏکي نہ آهي صدين جي حساب جي صورت:
صليب مان ٿي اچي اڄ بهار جي خوشبو،
عجيب آهي اها انقلاب جي صورت.

گهڙيءَ گهڙيءَ کي زماني جي زندگيءَ حاصل،
هزارين سال بہ تاريخ ۾ ويا گم ٿي:
جتي جتي بہ جُهڪيو حق جي اڳيان باطل
شفق تي چمڪي اتي انقلاب جي سرخي.

ڏسي تو ڪير پلا آفتاب تي سرحد،
ٻڌائي ڪير سگهيو آ خواب جي سرحد:
ڪروڙين ذهن فقط هڪ ڪتاب جي سرحد،
وسيع آهي اجا انقلاب، جي سرحد.

## آرزو جو سفر

لامڪانيءَ جي فساني کان وٺي،
لازمانيءَ جي زماني کان وٺي،
جسم جي بي انتها تاريڪين ۾،
جاودانيءَ جي سفر ۾ سرگرم آهي ازل جي آرزو.

تون به ڪنهن جي ابتدا،
مان به ڪنهن جي انتها:
تنهنجي منهنجي زندگي
تنهنجي منهنجي ماءُ جي دمدم دعائن جو اثر:
تنهنجي منهنجي زندگي جا صبح شام،
تنهنجي منهنجي پيءُ جي اٽڪت اميدن جو ثمر
جسم جو هر هڪ جنم
ڪئين ڪروڙين آرزومندن جو موجوده مقام:
بس ازل جي آرزو آهي مدام،
جاودانيءَ جي سفر ۾ تيزگام.

اي سندم دمدم دعائن جا نرالا شاهڪار!
زندگي تابندگي جا رازدار!
اڄ ته مان تو کي ڪريان اڄ الوداع،
جسم جي تاريڪ راهن کان جدا:
مان ازل جي انتها ۽ تون ابد جي ابتدا
اي سندم اميد جا براق ، صد صد مرحبا!

**(ماهوار روح رهاڻ حيدرآباد اپريل 1965 ع سال نامو)**

## پيشڪش

ابتدا ۽ انتها جي وُسعتن تي ڦهليل،
زندگيءَ جو شهرُ شهرِ لازوال،
شورشن ۽ حادثن جي سلطنت،
جنهن جي هڪڙي ڪنڊ تي،
شورشن ۽ حادثن جي آسپاس،
دور اُفتاده بلنديءَ جو مقام،
جنهن تي قائم آهي هڪڙو خوشنما حيرت جو باغ،
پُرسُڪون ۽ پر فِضا، تنهائين، خاموشين جي سرزمين.

وقت جو مالهي عجيب،
ڪنهن عجب اڻڄاڻ شهزاديءَ جي  لاءِ منتظر،
دل کي اکين ۾سمائي،
درد جو دريا وهائي،
پيو سدا پوکي محبت جا نوان تازا گلاب-
پيشڪش جي لاءِ خوشبو جو ثمر.

مدتن کان پوءِ ڪڏهين، اوچتو،
شورشن ۽ حادثن جي سلطنت جي شاهزادي،
زندگيءَ جو حسن بانو،
وقت جي اٽڪ اميدن جي گلابن ۾ تئي تي جلوه گر:
دل ئي دل ۾ مسڪرائي،
قرب جون ٻانهون وڌائي،
پيار سان پنهنجو بنائي،
ٿي ڪري،
درد جو تحفو قبول

## تخليق

ڪيئي اربين سال ذرتيءَ جو وجود،
ڪئين ڪروڙين سال آدم جو جنم:
دم بدم تخليق جي ميدان ۾،
پيار پُڇائڻ شرط هستي ۽ عدم.

ڪيترو نئون ۽ وري ڪيڏو قديم،
زندگيءَ جي راهه جو هر هڪ قدم:
هر گهڙي گويا ازل کان ٿي شروع،
هر گهڙي گويا ابد تي ٿي ختم.

سونهن ۽ سرهاڻ جي تقدير ۾،
مُکڙين جي مرڪ لڀي ئي رهي:
سجُ ڪِرڻا ئي اپائيندو رهيو،
چنڊ جي چانڊاڻ ساڳئي ئي رهي.

## هجرت

اربين سالن کان ھي سورجمنڊل آھي قائم پنھنجي توازن سان،
ايامن کان ڌرتي پنھنجي محور تي ھردم گردش ۾ آھي،
ايامن کان چنڊ ۽ تارا ڪتيون اڀ ۾ پيا ٽا چِلڪن چمڪن،
سمنڊ ۽ دريا، جھنگ جبل، ھي وڻ ٽڻ ٻوٽا چوڌاري،
پکين، جيتن، حيوانن جون ذاتيون لک ھزارين،
ڌرتيءَ ھيٺان ڌن جون کاڻيون، پاڻيءَ منجھ حياتي،
ڪڪرن مان برسات وسي ۾ مٽي سونھن اپائي،
ھي سڀ ڇا جي لاءِ؟
ٿھيل ٺڪيل مانداڻ ھي سارو،
آخر ڪنھن جي لاءِ؟
ڪنھن کي آڇي فطرت پنھنجو ايڏو عظيم الشان ھي تحفو،
جيڪو ھن مانداڻ جي مقصد ماڻڻ لئہ تخليق اندر تخليق جو نئون مانداڻ اڏي،
ڌرتيءَ تي نت نوان نرالا منظر ڪي ايجاد ڪري؟
سو تہ فقط انسان ئي ھو،
ساريءَ مخلوقات ۾ اشرف.

فطرت جو شاگرد اھو انسان وڏو ونھواري ھو،
ڌرتيءَ کي سينگارڻ لئہ سھڪاري ھو،
پاڻي، مٽيءَ، باھہ، ھوا ۾ ھن ھزارين....
گھُپ انڌيرن ، انت اجالن جي طلسم سان،
حُسن ۽ حيرت جي سنگم تي،
سوين ھزارين ڪاڪ محل تخليق ڪيا.
فطرت جي چٽساليءَ اندر،
فنڪاريءَ جي بيحد خوب ڪماليت سان،
تبديلي جا رنگ رچايا.

فطرت جي ھمراز انھيءَ انسان، گھٽيون آسيسون ماڻي،
ڌرتيءَ تي ڏاھپ جي مثالي تھذيبن جا جھنڊا کوڙيا،

پولارن ۾ پيهي هن زمان مڪان جا پيد پروڙيا،
اشرف مخلوقات، انهيءَ اڙينگ وَڙولِيا ڏنگ سمورا.

ٿهڪ ڏنا شيطان انهيءَ دانائيءَ جي نادانيءَ تي،
عَقل جي آڪڙخانيءَ تي،
پوءِ امالڪ،
هڪڙي اٽڪٽ مرڪ، شرارت جي چٽنگن سان پريل، هن جي جهنم راز چپن تي پڙڪي پيئي
پوءِ يڪايڪ،
صدين تائين بارودن، بم گولن جا ازغيبي ڪئين پڙلاءَ فضا ۾ گونجي ويا.

بارودن، بم گولن جي ازغيبي پڙلائن تي موهت، مست مگن تي،
اشرف مخلوقات تڪبر جي گهوڙي تي، سنج رکي نافرمانيءَ جا،
فطرت کان تخليق جي هر ڪا گوءِ کٽڻ لئه،
هن جي سڀ ماندياڻ کي چڪنا چور ڪرڻ لئه،
مٽيءَ، پاڻيءَ، باهه هوا ۾ پري چڙيا انبار سراسر بارودن جا.
ڌرتيءَ کان آڪاس، سڄو ماحول ويو، تي زهريلو،
سج، چنڊ، تارن، ڪتين جو سنسار ڏڪي ويو،
سمنڊ ۽ دريا، صحرا ۽ ڪهسار ڪنبي ويا،
پکين، جيتن، حيوانن جا ساهه سڪي ويا،
فطرت جو سارو ئي سهڻو باغ لڳو انسان اجاڙڻ جي پويان،
تڏهين غيض غضب سان پرجي،
فطرت پنهنجي اصولن، قانونن، اختيارن جي طاقت سان،
پنهنجو ردعمل ڏيکاريو، بيحد سختيءَ، بيرحميءَ سان،

سج سوا نيزي تي اچڻ لاءِ پنهنجي تپش کي تيز ڪيو،
سمنڊ مچرجي پيا ۽ هوا سان طوفانن جا بند پڃڻ جي سٽ سٽي،
جبلن پنهنجا آدجڳاڌي، اٽڪٽ، اڻ ملهه، برف ذخيرا ڳاري دريائن ۾ اڇلڻ شروع ڪيا،
دريائن برفاني دنيا جو سڀ پاڻي خالي ڪرڻ لئه، سمنڊ سان ڳنجوڙ ڪيو،
باهه قيامت ٻچي جبلن جي چوٽين کي ڌماڪن سان ڏاري ڦاڙي،
پٿرن کي پاڻيءَ جيئن پگهاري، ڦوهارن جي صورت ۾،
ڇيين، الن، ٽاندن جي برسات وسائي،

ڌرتيءَ پيداوار جي قوت پوٽي ڪئي،
مٽيءَ پاڻيءَ نين نرالين بيمارين کي جنم ڏنو،
ٻوڏن، سوڪهڙن، بيمارين، ڌرت ڌڪارن، طوفانن، ٻونچالن جو هڪ ڪيل عجائب جاري ٿي ويو.
ڌرتيءَ تي انسان جو آئيندو هاڻي ناممڪن ٿي پيو.
ڪڏهين اڳتي، سچ جا ڪرٽا چٽنگون ٻڄي ،
سڀ جيوت کي ساڙي ٻاري رک ڪندا،
ڪڏهين اڳي ڌرتيءَ جو هي گولو،
سج سان ايئن ٽڪرجي وِکري ويندو، جيئن ڪو واريءَ ڪوٽ هوا ۾ ڪٽو ڪڻ تي وجي اڏامي.

اشرف مخلوقات جو اهڙو مرضيءَ جهڙو انت ڏسي،
خوشيءَ وچان شيطان هنبوچيون هڻي، تڪبر سان، اهڙا زهريلا ٽانڊن سان ڀريل ٽهڪ ڏنا،
جن جنت جي ديوارن کي گرمائي ڇڏيو
۽ ڇرڪ ڀري رضوان ڪنن تي هٿ رکيا.

فطرت، جيڪا پنهنجي پياري ٻالڪ يعني اشرف مخلوقات جي رهبر آهي،
۽ جا اراڏاين تي هن کي سيکت ڏيندي آئي آهي،
تنهن کي آخر ترس اچي ويو.

ٻي گهڙيءَ ۾، هن جي مٽيادار چپن تي  هڪ آفاقي مُرڪ ڪنوڻ جيان تجلا ڏيندي ترندي آئي،
جنهن سان يڪايڪ پولارن جون راهون جڳ مڳ چمڪي ويون،
فطرت جي منشا جي اشاري سان انسان ڏسي ورتو آئيندي جو خواب،
نئين ڪنواري ڌرتيءَ ڏانهن هجرت جو خواب.

ڌرتيءَ جو فرزند ڪَري پيو نئين نويلي ڌرتيءَ ڏانهن هجرت جي تياري،
جنهن جي ڪنواريءَ مٽيءَ اندر سانديل هونديون ڪئين ڪروڙين سالن جون سوغاتون،
جنهن جي زرخيزيءَ جي سگهه پراڻي، ڌرتي جي ڀيرئين ئي ڏينهن برابر هوندي،
جنهن جي هوا ۽ پاڻي، ڪاڏو ميوا، ڊگهو جياپو آڇيندا.

جنت جهڙي ، جنت هوندي نئين ڪنواري ڌرتيءَ
فطرت جو فرزند ڪَري پيو جنت ڏانهن هجرت جي تياري.

## مٽيءَ جو ماڳ

جيون ڪوئي، جهوتو آهي،
پوءِ بہ حياتي، اٽڪٽ ۽ بي انت مسافر،
پنڌ جو ڪوئي ڇيھ نہ ڇيڙو،
پوءِ بہ زماني جي راهن تي،
ڪيئي ڇمارن جي هيءَ گاڏي،
اڄ بہ رهي تي اڳتي هلندي،
مٽيءَ جي هي ماڳ اڄا پِي سُر ۽ سازَ جي من موهيندڙ آلاپن سان گونجي پيو.

ڪڏهن هن جي ”اڄ“ جي ڪائي سُهڻي سُهڻي ”ڪالھ“ بہ هئي،
حال جي هر هڪ ڳڙڪِي پويان،
ماضيءَ جي ڪا سندر صورت،
سوچ لوچ جا ڳهٽا پائي،
پاڻ لُڪائي، ويٺي ٻھ ٻھ ٻَهڪي ڇَهڪي.

ڪنهن جي آس ۽ پياس جو تحفو،
ڪنهن جي سوچ جو گوشو گوشو،
پنهنجي سڃاڻپ جي نشاني هر ڪو ڇڏي ويو.

مٽيءَ جي هن ماڳ اندر،
ياڳ سَياڳَ جي اُهڃاڻن جو انت نہ آهي
قبن ۾ مدفون محبت، عظمت واريون ڪيئي ڪهاڻيون،
گذريل گهڙين جي راهن تان، گذري ويندڙ پانڌيئڙن جون ڪيئي نشانيون،
جهور پراڻيون:
اٽڪٽ هسوارن جي گهوڙن جا ٽاپولين جا پڳ ۽ پيرا،
فتحمندن جا دڳ ۽ ديرا.

مٽيءَ جو هي ماڳ اڄا پِي سُر ۽ سازَ جي من موهيندڙن آلاپ سان گونجي پيو،
پوءِ بہ رڳو خاموشيءَ جا بيجوڙ پڙاڏا پڏجن ٿا،
ڪڏهين هن جي ”اڄ“ جي ڪائي سُهڻي سُهڻي ”ڪالھ“ بہ هئي.

حال جي هر هڪ ڳڙڪيءَ پويان،

ماضيءَ جي ڪا سندر صورت،
سوچ ۽ لوچ جا گهڻا پائي، پاڻ ليائي،
ويٺي ڀڃ ڀڃ ڀڪي ڇڪي.

هنِ ئي هنڌن تي ڪڏهن وساريل وقتن پنهنجو اوج ڏٺو هو،
هن ئي هنڌن تي ڪڏهن گلن تي بلبل پنهنجو رقص ڪيو هو،
ڪنهن جي آس ۽ پياس جو تحفو،
ڪنهن جي سوچ جو گوشو گوشو،
پنهنجي سڃاڻپ جي نيشاني هر ڪو ڇڏي ويو.

هن ئي هنڌن تي هنرمندن جي هٿن عجب شهڪار سنواريا،
اهڙا اهڙا وکر وهايا،
پئي پئي جي ڪڏهن نہ هرگز تين پراڻا.

اهڙا وينجهرَ
جيڪي ذات جا ڏيئا ٻاري، رات کي ڏينهن جو روپ ڏئي ويا،
هاڻي سڀ ڪجهہ مٽيءَ جي سيني ۾ آهي،
پوءِ بہ هت ئي،
گذريل ڏينهن جي سا جڳمڳ جوت جلي ٿي،
جِهرمِر جِهرمِر جَڳمڳ جوت جلي ٿي،
ڪِرڙو ڪِرڙو ذرڙن کي چمڪائي، چوڏس چنڊ ڪري ٿو،
ڪين منجهاران ڪُل ڪري ٿو.
منهنجي سهڻي پيار جي سنگم جي سهڻي ۽ پياريءَ ياد ۾:
ڪنهن مومل جي خوشين جي گهڙين جي ساٿي،
يا ڪنهن ٻانهياريءَ جي ڳورين ٻانهن ڪان وڇڙيل ڪا ٻانهين،
ڇڻڪي ڇمڪي، سُڏڪي سُڏڪي چُپ ٿي ويئي.

هي مٽيا، هي ماڻڪ موتي،
سورٺ جو سينگار بڻيا هئا:
مارئي جي لَڄَ، لِيلا جي لئہ مُوهہ بڻيا هئا:
نوريءَ جي لئہ نياز بڻيا ۽ سَسُئيءَ جي لئہ سورن جي سوغات بڻيا هئا:
هي مٽيا، هي ماڻڪ موتي،
روپ وتيءَ ڪنهن ڪونجل ناريءَ پنهنجي ڳڇيءَ ۾ پاتا هوندا:
جوين جذبا جاڳيا هوندا:
ڀڪيون هونديون ياڳ سياڳ جو روشن راتيون.

هيءُ ئي آهي،
هيءُ ئي آهي،
سونهن پري سا سهڻيءَ ڌرتي:
مٽيءَ جو هي، ماڳ اڳي هو،
اڄ ٻي آهي ماڳ مٽيءَ جو.

ڪنهن جي آس ۽ پياس جو تحفو،
ڪنهن جي سوچ جو گوشو گوشو:
پنهنجي سڃاڻپ جي نيشاندهي هر ڪو ڇڏي ويو.

ڪلهه جي ذات جو سورهيه سياڻو،
اڄ جو ڄاڻُ سُڃاڻ جو راڻو!

مرڪزي خيال عطا ”شاد“ جي هڪ مختصر نظم
تان، پي ٽي وي لاءِ تصويري فيچر 1979-04-16

## الوداع

ڪير دروازي تي آهي،
رات جي پوئين پهر،
هن مهل، هن حال، سيءَ واءُ ۾!
ڪو مسافر؟ يا وري هن شهر جي ڪا پيار سوديندڙ معزز حسن بانو؟

مرحبا، اي معزز حسن بانو!
اچ، اندر اچ.
منهنجي هِن مَشعل جي هَلڪي روشنيءَ ۾.
ڪيڏي سردي آهي ٻاهر!
هن هھڙيءَ لڳ سارينڌڙ هوا ۾،
ڪيئن نڪتي آهين تون؟
بت سچو تنهنجو رڦي پيو،
هٿ ڏڪن پيا ۽ ٽنگون ٽڙڪن پيون:
ويهه هن صندليءَ کي سيري، هن بخاريءَ جي اڳيان،
باھ تي پنهنجا ٺريل هٿ پير سيڪ.

ترڪماني انَ جو هي ڪشمشي ڪمبل ڪلهن تان
لاهي هن صندوق تي ليٽائي ڇڏ،
۽ هي وٺ چندن جون ڪاٺيون،
باھ ۾ وجهه،
جيئن تنهنجي ساھ کي سرهاڻ جو ساهَسُ ملي:
تيستائين آءٌ تنهنجي لاءِ ڪريان قنديل ڪافوريءَ کي روشن،
جيئن ڏسان، سونهن جا ڪهڙا وکر آندا اٿئي.
سونهن جو درياھ وهي پيو...
جنهن جي ڇولين ۾ رڳو پيا مرڪ جا موتي ڇُلن،
جنهن جي موجن تي رڳو پيا تير نظرن جا تَرن،
جنهن جي لهرن ۾ جوانيءَ جون هٽيليون پوپريون،
ٽڙڪنديون، پچنديون وتن،
جنهن جي ڪنڌين تي رڳو چاهت جون چنبيليون ٽڙن،

سونهن جو درياھ وهي پيو....
ناهي جنهن جو آرپار،

جنهن جي هر قطري ۾ نيرانين نگاهن جو خمار،
هر نظارو جنهن جو، قدرت جو نرالو شاهڪار،
حيرتن ئي حيرتن جا ڪاڪ، جنهن پاسي نهار.

آءٌ ڏاڍي دير تي وئي، اي معزز حسن بانو،
مان تہ ويٺو هوس هاڻي واپسيءَ جي لئہ تيار،
بس سواريءَ جو ڪيم پئي انتظار:
ڪنهن بہ ٽاڻي اڇٽو آهي آسماني مَڪڙو گهوڙو،
جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٿيندو فرار.

تيسين هڪڙي التجا مون کي ڪرڻ ڏي،
اي معزز حسن بانو!
جنهن گهڙي وارد ٿئي هو مَڪڙو گهوڙو،
هائو، پنهنجي انهي ساڳي ڪائناتي خوش نظر سان،
بدخشاني لعل جهڙن لال چپڙن جي مدامي مرڪ سان،
مون کي ڪج تون الوداع،
مون تي تنهنجو هي وڏو احسان ٿيندو،
۽ اهو ئي سونهن جو سرمايو شايد،
منهنجي لاءِ آخري تسڪين جو تحفو ٿئي.

. . . مان جڏهن ڪجھ سال اڳ،
پيار جي وکري وکر جون خوب خرزينون پري،
ڏور ڪان آيس ”عدم نگري“ ولايت مان هتي،
تنهنجي هن شاهي شهر ۾،
هڪڙو معمولي، ننڍو گمنام سوداگر هئس،
پوءِ آئون پيار جي ناياب جنسن جي بدل،
سونهن جون ڪمياب ۽ نادر وَٿون ڏوريندو سوديندو رهيس. . .

رنگ ۽ آواز جون سونيون ۽ روپيون اشرفيون،
مشڪ بو وارن جو ريشم، رت- ورنن چپڙن جون لعلون،
شبنمي ڏندن جا موتي، ڏورين ٻانهن جي مرمر،
ڪونئرن پيرن هٿن جا بخمل، ۽ الماس خوابي اکڙين جا،
ڪي تہ بيحد بي بها چيزون مليون:

دردِ دل جي پوري پيڙا، خواب، اوجاڳا، جفائون،
واعدا، يادون ۽ ٻيا پڻ ڪيترائي قيمتي پٿر مليا:

ناز ۽ انداز، شوخي ۽ شرارت جا گهڻائي خوشنما گوهر مليا:
گيت مالائون سريلن ٽهڪڙن جون،
۽ ڏکڻ جي هير جهڙين ٿڌڙين مرڪن جون چاندوڪيون،
گرم لڙڪن جي ٻاڦ:
سادگي، سچائي، قرباني، وفا، پاڪيزگي، صبر ۽ حيا جا،
جيڪي چندن هار مون ڏوري ڏٺا،
تن جو ڪوئي ملهه نه هو.

مون ٻه خرزينن جا منهن کولي ڇڏيا:
پيار جا جيڪي ٻه وڙ آندا هئم،
سونهن جي سودي ۾ بيپرواهه آچيندو رهيس،
ڏاڍيون ڪي اٽلپ شيون مون وٽ هيون،
ڪاش، تون هيڪر ڏسين ها، اي معزز حسن بانو!
هجر جا فانوس، وصل جا چراغ،
آس جا قنديل، اوسيئڙي جي آڳ،
سڪ جون سرخيون، شڪ جون لاليون،
اک اڙي جا ڪجل سرما، دل لڳيءَ جون شان واريون منديون،
چاهتن جون ڦلڙيون ۽ جيءَ جڙيءَ جون چوٽيون،
نينهن نسبت جون مُنديون ۽ دل چريءَ جون چوڙيون،
قرب جا ڪنگڻ، اڪيلائي جا آئينا، ملاقاتن جا ڇلڙا،
پنڌ جا پازيب، ڪتڪن جا وچونئڙا، شادمانيءَ جا ٽِڪا.

۽ وري ٻڌ اي معزز حسن بانو!
ڪهڙا ڪهڙا مون وکر آهن وهايا بيمثل،
علم جا مشعل، عمل جون دوربينيون ۽ عقل جون شطرنجون،
سوچ جا سونگا، انهن اندر خيالن جي عطر سا تَر ٻُڙا،
حوصلن جون ديليون ۽ خود اعتمادي جا ٻتونئڙا،
عزم جا گلدان ۽ همت جا دُنگ،
جن ۾ احساسن جا عنبر، مشڪ جذبن جي ۽ يادن جا گلاب،
پيار جي وکري وکر جي چاڻ لئه، جدوجهد جا جام، شربت
زندگيءَ جا فهم وارا،
۽ صُراحيون سُرت واريون،

آهه مون ڇا ڇا نه سوديو،
۽ وري ڇا ڇا نه ورچيو!
. . . هاءِ ڪيڏا ورهيه گذريا ويا هتي،
وقت جي پيرن جي کُڙڪي جي ڪڏهن ڪل ئي نه پيئي-
ڇڻ ته ڪلهه ئي هن حويليءَ ۾ اچي ترسيو هئس!

پر معزز حسن بانو! هو ته ڏس،
منهنجي هن بادام جي سهڻي سگهاري وڻ کي ڇا ٿيو؟
ڦرَ ته هي ڪجهه سال ٿيا، اندر ئي اندر پاڻ کايو ڇڏي-
مان ڏسان پيو ۽ سهان پيو هن جا سڀ انگل مذاق،
اڄ ته هن تي ڪي وڃي ٿورائي پن آهن بچيا-
هي به شايد منهنجي ئي سنبت جو ٿيندو.
منهنجا سڀ ساٿي ايئن ئي مَڪڙو گهوڙو ويو ڪٽي،
ڏس نه قدرت جو مذاق، ڪيڏو سنجيدو ۽ سخت!

پر معزز حسن بانو!
تو ٻڌو هوندو ضرور:
”ڪوئلن جو، جو ڪري واپار تنهن جا هٿ به ڪارا، منهن ڪارو.“
بس ايئن ئي آهي شايد:
سونهن جي سودي ۾ ڪائي سونهن واري،
منهنجي وارن کي وئي چاندي ٺڦي، سهڻو ڪري!
ڪيئن به آهي،
شهر جي هر حسن بانو وٽ هئي ڇا هاڪ ۽ ڇا ساک منهنجي
پيار جي وِڪري وَکر جي!
تون به ڏس، منهنجي اهائي ساک سمجهي آئي هئين!

. . . ۽ مان اڄ موٽي وڃان پيو،
سونهن جي سنسار جا سارائي سرمايا سيهڙي،
زندگيءَ کي پيار جو مفهوم بخشي،
هڪڙي سُرهي ساک واري،
شاهه سوداگي جي حيثيت ڪٽي.

پر هو تڪڙو مَڪڙو گهوڙو؟
ڪيئن ڇئجي،
هو به شايد گفتگو پنهنجي ٻڌي ترسيو هجي،

هائو، جيڪا هوءَ گهڙي گذري وئي،
هائو جيڪا هيءَ گهڙي گذري پئي،
سي ئي شايد ٿي وڃن قدرت جي قدمن ۾ قبول!

معاف ڪج اي حسن بانو!
منهنجي ڳالهين تي نہ آڻج ڪو خوشامد جو گمان،
تو ٻڌو،
پيار جو هر ڪو وکر مون وٽ تہ ڍيرئون ڍير هو،
۽ نہ آءُ رهيس ڪو ويسرو،
سڀ ڪپائي، اڄ تہ پالهو ٿي وڃان پيو:
خالي خرزينن جي اندر،
نالي ماتر،
خاڪ جي رتي بہ ناهي.

سچ چوان ٿو اي معزز حسن بانو!
سونهن جو سوڳند کڻي سچ ٿو چوان:
سونهن جي سيني وڙن ۾ تون تہ مالامال آهين،
جي ڏٺم تن ۾ نہ هئي ڪا تنهنجي پائي جي امير:
تون تہ مٽي جي مٽانهيءَ کان وڌي
پيرن جي ترين تائين آهين ڪو صنم،
تون مجسم سونهن آهين،
تون سچي ئي سون آهين.
ڪاش، مان پهرئين ئي ڏينهن تو کي ڏسان ها،
۽ سمورو پيار جو وکرو وکر تنهنجي سر تان اوري گهوري،
تنهنجي قدمن ۾ رکان ها،
هڪڙي مفلس جو سو نذرانو حقير!

ڏس تہ مون ساري حويليءَ جا سيئي فانوس ۽ قنديل
۽ مشعل اجهائي هئا ڇڏيا،
سڀ ملازم حاضريا ۽ خاڪروب ڪلهہ ئي فارغ ٿي ويا،
مال ساري سودي جو مون ڪلهہ ئي ڇڏيو هو اماڻي،
نفرتن جا، بغض جا، دوکي دغا ۽ حسد جا،
جيڪي کوٽا وڙ ملاوت ٿي مليا هئا،
سي سيئي هو صحن ۾ اڇلي وڃان پيو،
بس اها حسرت کڻي ويندس تہ مون وٽ تو کي آڇڻ لاءِ ڪو تحفو نہ هو.

. . .اوهہ ڪا شيءِ پئي هُري منهنجي متي ۾!
هائو، هائو، ترس مون کي صرف ڪجهہ ئي ساعتون مهلت کپي،
جيسين آئون پنهنجي خلوتگاهہ ۾ پهچي وڃان.

آهہ! دل ڪيڏي ڳري هئي!
ڪجهہ نہ هو پر ڪجهہ تہ آهي

ڪيترو ئي تڇ سهي،
هان، اڇي، هي چپٽيءَ احساسن جي عنبر جي وٽي چڏ،
هيءَ ذرڙي مشڪ جذبن جي بہ ڪڻ،
۽ هي وٽ ڳاڙهو گلاب ياد جي خوشبوءِ جو،
ڪيئن الائي طاق تي رهجي ويون هي چند چيزون،
بس اهي ئي قبول اي معزز حسن بانو!
. . . خوب! خوب!
تون تہ ڪا دل جي بہ ڏسجين تي امير!
مون تہ پنهنجا آخري احساس ۽ جذبا بہ تو کي ڏئي ڇڏيا،
ڪيئن ڪريان اظهار تنهنجي قرب جو؟

ڇا ٿي سوچين حسن بانو؟
مون کي وڃڻو ئي تہ آهي،
تو کي رهڻو ئي تہ آهي:
جيسين نازل ٿئي اڇي هو مَڪڙو گهوڙو،
اڇ ملهايون شادمانيءَ جو جشن،
تنهنجي پياريءَ سونهن جي ۽
منهنجي سهڻي پيار جي سنگم جي سهڻي ۽ پياري ياد ۾:
آءُ روشن ٿو ڪريان ساري حويلي جا سيئي فانوس، سڀ قنديل
۽ مشعل سيئي ،
پوءِ گڏجي پاڻ ڏينداسين سلامي،
پنهنجي ساٿي پنهنجي هن محبت جي شاهد،
هن اڪيلي پوڙهي وڻ کي.

❖

مان ٻڌان پيو،
ڪو وڏو مَشَاق، فطرت جو مغني،

اٹلڪن ملڪوتي سازن جي انوکيءَ ليءِ تي پراسرار آفاقي سرن ۾
ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو،
جنهن سان سارين ڪائناتن جون اکيون،
هوريان هوريان،
ننڊ ۾ ٻڏنديون وڃن.
.... ها اهو ئي واپسيءَ جو گيت آهي:
اچ، اندر اچ، ڪيڏي سردي آهي ٻاهر!
منهنجي پياري حسن بانو!
منهنجي احساسن جو عنبر،
مشڪ جذبن جي ۽ ياد جو گلاب،
پيار پنهنجي جون نشانيون،
سانديي رکجئين،
۽ سدا رکجانءِ روشن هن حويلي جا اهي قنديل فانوس ۽ مشعل سيئي،
جيئن اسان جي اچ جي شاهد،
هن اڪيلي وڻ کي اونداهيءَ جا پاڇا گم نہ ڪن!
هائو، تنهنجي لال چپڙن جي اها روشن مدامي مرڪ مون سان ساڻ رهندي ....
الوداع!
منهنجي پياري حسن بانو، الوداع!

## چنڊ سان چاهه

سچ جي سونهن جو ديدار ڪرڻ جي خاطر،
سونهن جي سچ کي هڪوار پسڻ جي خاطر،
سچ ۽ سونهن جا ساڪي سهي سنبري نڪتا،
زندگيءَ جا لاءِ اڳو پوءِ مرڻ جي خاطر.

هڪڙو موسي هو ويو طور تجليءَ خاطر،
هڪڙو عيسيٰ هو چڙهيو دار تسليءَ خاطر،
شاه گوتم هليو بنواس هو جوتي ماڻڻ،
ويو محمد حِرا حسنِ ازليءَ خاطر.

چنڊ ۽ چنڊ جي چانڊاڻ سراپا سهڻي!
چنڊ ۽ چنڊ جي چانڊاڻ سراپا سچي:
چنڊ جي چاهه ته بي انت چڪورا ماريا،
سونهن ۽ سچ جي سَڌ ۾ ڪا حياتي نه بچي.

هڪڙو هو رام نه جيڪو هو ٽيو تيسين رام،
چنڊ جهولي ۾ جُهلي آيو نه جيسين هن جي،
ڪوڙ جي سونهن اچا تائين ڏئي پيئي فريب،
اڄ جي هر رام کي آرسي آهي نڪ تي.

منهنجي لئه طور تجلي، سو ته ناممڪن،
منهنجي لئه دار تسلي، سو ته ناممڪن،
ملي گوتم جي ٻُڌي مونکي، سا تقدير ڪٿي،
مان ڏسان حسن ازلي، سو ته ناممڪن.

چنڊ سان چاهه ته هر حال ۾ رکڻو آهي،
روح ريجهي ته پوءِ رام ٽيڻ ۾ چاهي:
ڪوئي چانڊاڻ ۾ ڏئي آرسي منهنجي هٿ ۾،
چنڊ کي جهول ۾ گهوري ته ڏسان، ڪيئن آهي!

## تخليق جو اعتڪاف

هر ڪو چاٽي،
ساري دنيا ٽي چاٽي،
مان وڏو ليکڪ، مان وڏو شاعر ۽ دانشور، وڏو عالم اديب:
منهنجي هر هڪ حرف ۾ تدبير جي جادوگري،
منهنجي هر هڪ لفظ ۾ تقدير جي صورتگري،
منهنجا نغما، منهنجا گفتا، چڻ ته سحرِ سامري:
اهڙي منهنجي شاعري،
جنهن سان جاڳي قوم ساريءَ جو نصيب:
قوم چاهي ٿي مان لکندو رهان،
سنڌ جي سانگيئڙن، جهانگيئڙن، مارئڙن جون حالتون،
ڏسندو رهان، لڇندو رهان،
سنڌ جي سورن اندر سڙندو رهان، پچندو رهان،
قوم چاهي ٿي ڪي نغما انوکا ڳائجن،
سونهن ۽ سرهاڻ سان ناتا نوان ڪي لائجن،
هجر جا ۽ وصل جا مفهوم ئي بدلائجن،
عشق جي نظرن کي ڪجهه وسعت ڏئي،
حسن جا معيار پيا ڪي ٺاهجن،
۽ سچي تاريخ تي ليڪا ڏئي،
جنگ جا ۽ امن جا مطلب سيئي ڦيرائجن،
قوم چاهي ٿي، وري
شاهه ۽ سچل جيان،
سچ جا پنيت وڏا پڙڪائجن،
مچ تي ميڙا ڪجن،
۽ وري ٿاندن تي واريل گيت ڳاڙها ڳائجن،
مون انهيءَ جي لاءِ اڄ تخليق جي هڪ نئين نراليءَ پٽ تي،
فڪر جي هڪ نئين درازا شهر وٽ،
اعتڪاف آهي ڪيو خود اختيار،
مان ڏسڻ ڏاران ڏسان پيو هر ڪو منظر، هر ڪو حال،

مان ٻڌاڻ ڏاران ٻُڌان پيو هر ڪا ڳالهہ،
مان انوکا گيت پيو ڳايان وري،
جن کي ڪي الفاظ ناهن،
جن کي ڪوئي سُر نڪو آواز آهي:
ماٺ جا نغما اهي،
گيت ڳاڙها، لال، ٽاندن تي ورايل،
توکي ٻڌجڻ ۾ اچن ٿا؟.....
ڪاش توکي باھ جهڙا لال ڳاڙها ڪن هجن!

## جيسين سج اڀري

انت اوندھ رات آهي،
سوجهري جو ڪوئي ڪرڻو ڪنهن هنڌان ڏسجي ٿو،
تڏ ايڏي سخت، توبهه،
پهرئين ئي پهر پارو پيو پوي!
سيءُ سنڌن کي سڪائي، لڱ ڇڏي لوساڻيو،
پير هٿ پٿر جيان ڄميو پون،
ساھ سان ڄڻ برف پئي ڦڦڙن اندر سِيرون ڪري!
اهڙي حالت ۾ پلاءِ،
ڪير ٿو ٻاري ڏيئا،
۽ وري ڪنهن کي سُجهي ٿو گهر جي درين ۽ درن کي بند ڪرڻ؟
بُت رقن پيا، ڇاڙيون ڪڙڪن پيون،
ڪير ٿو ويهي ڪچهريءَ ۾ کِلي ڳالهيون ڪري؟
ايڏي اوندھ، ايڏي ٿڌ!
اڳ تہ اهڙي رات ڪڏهين ڪانہ آئي-
سڀ سويري ئي وڃي سوڙين اندر آهن پيا!
ٻارڙا سوين منجهان گهونگهٽ ڪڍي، اکين کي مڇڪائي پيا گهورين اوندھ جو اگهور-
جنهن ۾ ڪوئي سج ناهي،
جنهن ۾ ڪوئي چنڊ ناهي،
جنهن ۾ ڪوئي تارو بہ چمڪي ڪونہ ٿو-
ذهن جي تاريڪ پڙدن تي فقط چمڪن پيا اوندھ جا ڪارا ترورا.

ڳوٺ کان ٻاهر، وڏي ميدان تي،
شاهي ڪو آڙاھ پيو پڙڪا ڪري،
جنهن جون لاٽون اڀ تائين ٽيون پُڄن:
ٽڙڪندڙ شعلن جي دهشتناڪ پاڇولن وچان،
بيرحم ٽهڪن ۽ وحشتناڪ واڪن، هوڪرن سان،
ساروئي ماحول ڪچڙي ڳاھ جيان لزري پيو:

ناچ شيطاني هلي پيو شام کان.
چوطرف آڙاهه جي،
ڪئين سوين شيطان هنبوچيون هڻن پيا:
ڏڙسين جا ساڳيا ماڻهن جيهاَ،
پر منديون تن تي مِڙن جون مختلف-
ڪي بگهڙ، ڪي پولڙا، ڪي رڇ ۽ سوئر پيا ڏيکارجن،
ڪي وڇون، ڪي نانگ ڪارا، ڪي ڳجهن جهڙا لڳن :
پڇ لوڏي، ڏند ٽيڙي،
ڪِل ڪيچل سان وڏا واڪا ڪري،
باهه ۾ هڪ هڪ ڪري وجهندا وڃن،
سڀ اهو سامان، جيڪو ياڳين جي ننڊ هوندي،
شهر جي ڪليل گهرن مان گڏ ڪري آندو اٿن.

❖

ڳوٺ جي هڪڙيءَ پراهينءَ ڪنڊ ۾،
جهوپڙي ۾ ليٽيل ٻن ٻارڙن، رلين جي هيٺان ٽڙڪندي سُس ڦُس ڪئي.
”شاهه سائينءَ جو رسالو مون رکيو آهي لڪائي، پنهنجي ڇاتي سان لڳائيءَ.“
”مورتي مُهين جي نچڻيءَ واري آهي مون ٻه سوگهي ڪئي لڪائي،
پنهنجي ڇاتي سان لڳائي“
”بس ته پوءِ مات ڪر، شيطان ٻڏندا“
”هائو، جيسين سج ايري“

ڄامشورو 20.10.1995

## لوممبا جي شهادت

عشق جي سُنسان واديءَ جي قريب،
درد جي درياه جون طُغيانيون،
رفتي رفتي بيڪران بنجي ويون:
قطري قطري ۾ محبت جو شعور،
قطرو قطرو چڙ زماني جو ضمير.

فاصلن جون وسعتون ڪنهن جي لئه؟
وقت جون پيمائشون ڪنهن جي لئه؟
فڪر ڪڏهين ٿي سگهيو آهي اسير؟

## پراڻا حربا
## (حسن ناصر جي شهادت)

تنهنجي ترڪش جا سيئي تير ڪٽي ويا شايد،
ڪو نئون وار ڪرين ها ته مڃان ها شايد.

هي ته صدين جا پراڻا اهي حربا آهن ،
جن کي هر دور ۾ حاصل ٿي فقط ناڪامي،
جن کي هر دور ۾ دهرائي ڏٺو آهي تو،
جن سان هر دور ۾ هارائي وئي سلطاني.

تو وري حُسن کي پهري ۾ لڪايو آهي،
تو وري عشق تي الزام لڳايو آهي،
تو وري ظلم کي مهمان بڻايو آهي،
تو وري زنده ضميرن کي ستايو آهي.

تون وري زهر کي ماکيءَ سان ملائي ويٺو،
تو وري حق جو آواز دٻائين ويٺو،
تون وري قيد جي ديوار اڏائين ويٺو،
تون وري سچ کي گوليءَ سان اڏائين ويٺو.

منهنجي تخليق جي انسان کي ڦاهيءَ چاڙهي،
تون وري مون سان مقابل به ٿيڻ تو چاهين.
توکي معلوم به آهي ته اڳين جو ڇا ٿيو،
تو وري پنهنجو تماشو به ڏسڻ تو چاهين!

تون نه تو ڄاڻين ته مان وقت جو فرزند آهيان،
منهنجي لئه آد کان هي راند جو ميدان آهي.
ڪوئي مون کان نه کٽيو آهي سِرن جي بازي،
منهنجي هر چال ۾ نئين دور جو انسان.

## محاذ

**(بلوچن جي مزاحمتي جنگ بابت)**

هڪڙي پاسي بم بارود،
ٻئي پاسي دل جو ودو:
جنگ لڳي وئي آهي زود!

بستيءَ بستيءَ آهي هجوم،
هڪڙا ظالم ٻيا مظلوم،
هر هنڌ آهي هڪڙي ڏوم،
رهڻو ناهي ڪو محڪوم،
ماريندا سين سڀ مردود،
جن جي فاتحا ۽ نہ درود:
بند ڪريو سڀ ساز سرود،
جنگ لڳي وئي آهي زود!

(ماهوار ”روح رهاڻ“ حيدرآباد جولاءِ 1964ع)

## زندگي جا سؤ سوال

زندگيءَ جا سؤ سوال
ڪير تو پورا ڪري؟

آهي ڪو مائي جو لال،
آهي ڪو حاتم جي همت جو مثال،
موٽ ۾ ماڻي محبت جو وصال:
زندگيءَ جا سؤ سوال
ڪير تو پورا ڪري؟

## زندگيءَ سان پيار

زندگيءَ ڪيڏي حسين،
زندگيءَ ڪيڏي جوان،
زندگيءَ جون قربتون ڪيڏيون عجيب!
حسن حيرت ۽ جواني جون گهڙيون
هر محبت جي فساني جون ڪڙيون:
آرزوئن جي زمين،
حسرتن جو آسمان،
هر جوانيءَ جي نگاهن جو نصيب.

زندگيءَ جهومي پئي،
زندگيءَ ڳائي پئي،
زندگيءَ سان جهوم جهوم،
زندگيءَ سان ڳاءِ ڳاءِ،
موت کان انڪار ڪر،
زندگيءَ سان پيار ڪر،
زندگيءَ سان پيار ڪر!

(ماهوار ”روح رهاڻ“ حيدرآباد جون 1964ع)

## خدايا

خدايا، خدايا، زمينن جا مالڪ،
خدايا، خدايا، اي آدم جا خالق،
اي آدم جا خالق،
زمينن جا مالڪ،
خبر آهي تو کي خداوندِ عالم،
تہ تنهنجين زمينن تي،
تنهنجي خدائيءَ ۾
شيطانن جي بادشاهي هلي ٿي،
هتي سيم و زر جي خدائي هلي ٿي؟
خبر آهي تو کي، خداوندِ عالم!

**پُور**

ڪير ٿو ڪنهن لءِ جيئي،
ڪير ٿو ڪنهن لءِ مري،
ڪير ٿو بنجي زماني جو اسير،
ڪير ٿيندو بي ضمير.

زندگي تقدير جو تحفو سهي،
موت آدمزاد جو ورثو سهي،
زندگي چو موت ۾ پائي نجات،
موت ڇا جي لءِ پيئي آبِ حيات؟

05.03.1966

## ڪينجهر جي اڪيلي ڪونج

زبان گونگي، اکين ۾ ڳوڙها، ڪنن ۾ گولين جي گونج آهي،
هي ڪير آڪاس ڏي اڏاڻو، اداس صدين جي سونجهه آهي.

هوا ۾ بارود جي ڌماڪن جي تيز بدبو،
گهٽين ۾ بيهوش آهي خوشبو:
سڄي شهر جي دلين دماغن ۾ ساهه سينن ۾ مونجهه آهي.

انڌيري اڌ رات ۾ ٻُريا ٿي جي سڏ پڙاڏا،
اهي يڪا يڪ الوپ ٿي ويا:
وڇڙي پنهنجي ولر کان مڪار مارين بيقصور ماري،
اڪيلي ڪينجهر جي ڪونج آهي.

(بينظير جي شهادت 27.12.2007 تي پي ٽي وي لاءِ)

## سنڌ جو ضمير

آهي ڪو نظير بي نظير جو؟
اگر هجي، جتي هجي، اچي هتي، ڏسي اچي نشان اوچتو تير جو.

خيال ۾، خطاب ۾، سوال يا جواب ۾،
نظر اچي ٿي ڪنهن کي اهڙي هستي ڪائي خواب ۾،
اچي ٻُڌائي منصفن اڳيان ضرور، بالضرور فيصلو ضمير جو.

شهيد ٿي، سعيد ٿي، سا موت کان بعيد ٿي،
ڏسي ٿي پنڌ پيچرا، نظر نظر جي ديد ٿي،
وڏائي ويئي همتن جي باب سان قصور داروگير هو.

سموري جڳ ۾ نامور، پنهنجي تر جي تاجور،
دردمند عوام جي ۽ امن جي پيامبر،
نرالو هي شاهڪار، صاف آهي ڪرشمو، سنڌ جي خمير جو.

## همسفرو!

چپ چاپ هلو،
هوشيار هلو،
اي همسفرو!
ماحول پيانڪ ٿو ڏسجي،
ڪٿ راھ جا خطرا آهٽ تي جاڳي نہ پون!
اي همسفرو!
چپ چاپ هلو.

خاموش! ذرا هوشياريءَ سان!
اڄ رات ڪٿن آئي آهي،
هي راهگذر منزل جي سفر ۾ سيني ڪان دشوار گذر آئي آهي!
-هلندا تہ هلو، اي همسفرو!
اڄ رات اچانڪ پئجي ويئي،
ان دشتِ مصائب ۾ پهچي،
جو دشتِ مصائب پڌجي ٿو بيرحم درندن جو مسڪن:
جنهن جهنگل ۾،
هن ڪان اڳ ۾،
ڪئين قافلا ڦرجي لٽجي ويا،
۽ ڪيئي مسافر پنهنجو متاع و مال لٽيرن کي بخشي،
هن جهنگل جي خنزيرن جي خوراڪ بنيا!

اي همسفرو!
هڪٻئي کي سنڀاليندي گذرو!
رستي جي ڪنارن ۾ ئي هتي،
اونداهن گهرن غارن ۾،
ڪئين لُنڊيون، تَڪلا، ڳوراهيون
هٽ ڪٽ ۽ هزارين ازدهائون،
ڪئين نانگ وڇون،

خوراڪ جي لئہ، چالاڪ بڻيا، ڦڻ ڦهلائي گهمندا هوندا!

چپ چاپ هلو-
هن جهنگل جي پُر هول وڻن جي پاڇولن ۾ يوت آهن!
خاموش هوا ڪي ڪن آهن:
جاڳي نہ پون پاڇولن جا خونخوار بگهڙ،
پڙڪي نہ اٿن، تاريڪ فضائن جي گهِرَن غارن جي اندر
پوشيده نظر بگهڙن جي نگاهن جا شعلا!

هوشياريءَ سان
اي همسفرو!
هن جهنگل ۾ چيتا ۽ ببر ۽ گهوڙپٽون،
۽ بُجِر رڇن جا ٽولا،
۽ سوئر ٽولن جا ٽولا،
هر وقت شڪارن جي پويان،
ڦرندا ئي وتن ٿا چڪر ۾!

هلندا تہ هلو، اي همسفرو!
اڄ رات ڪٺن آئي آهي،
هوشيار رهو ۽ دم سانديو، هلندا ئي هلو. . .
ليڪن هي ڇا؟
ڪجهہ ساهہ جي تيزيءَ جي هلڪا آواز ڪنن ڪان گذرن ٿا،
۽ قدمن جي آهٽ بہ قريب ئي پڌجي ٿي،
-شايد ڪي رهزن موقعي جي ڳولا ۾ ڊوڙون ٿا پائن،
هيءَ راهزنن، نانگن ۽ مِرُن، پُر خوف انڌيرن جي دنيا؟
پلڄان تہ ٿئو، اي همسفرو!
ها ياد آيو:
ها ها، هي اهو ئي رڻ آهي!
خوش ٿيو ۽ مبارڪ ملهايو!
ان دشتِ مصائب مان ئي هينئر گذرون ٿا اسين،
جنهن جي پويان،

ٿورائي قدم،
منزل جي سندر ديويءَ جو استان آهي-
جت شوخ، حسين، شفاف بدن ڪنيائون
سفيد ۽ صاف لباسن ۾، هر دم،
مصروفِ تبسم ۽ رقصان،
شيدائي بنيون،
منزل جي ويرين کي ٿيون سڏن!

ڪجھ ٻُڌجي ٿو، اي همراهيو؟
ڪن لائي ٻڌو:
منزل جي مندر جي گھنڊ جو آواز ٻڌو ٿا، اي ساٿيو؟
بس، چند قدم منزل آهي!
اڳتي ئي هلي منزل ٿيندي!
هلندا ئي هلو، وڌندا ئي هلو،
تاريڪ فضائن جا سينا همت جي چراغن سان چيري،
وڌندا ئي هلو!
ڪجھ عزم سفر کي تيز ڪريو:
هيءَ رات اجها گذري ويندي،
۽ صبح جي ظاهر ٿيندي ئي منزل جي پڇاڙي ٿي ويندي!

اي همسفرو،
بس جاڳ رکي،
هوشياريءَ سان،
هلندا ئي هلو:
هڪ ٻئي کي سنڀاليندي گذرو!
بس چند قدم،
بس چند قدم منزل آهي!
هلندا ئي هلو،
هلندا ئي هلو،
اي همسفرو!

## مسرت جي منزل

زمانو نہ بيٺو،
ڪڏهن قافلا زندگيءَ جا نہ بيٺا!
هي منزل جا دوڪا، هي دوڪن جي منزل،
هي خوش فهميون ۽ غلط فهميون،
هي منزل جي رخ تي هزارين ئي وٽڪار جا ڪاڪ- محلات،
پنهنجي ڪمالات جي دلڪشيءَ سان،
هر هڪ راهرو قافلي کي، ايئن ئي، پيا عيش آرام
جون دعوتون التجائون سجيندا!
نهايت ئي مسرور آهن نگاهون،
نهايت ئي مشڪوڪ آهن نظارا-
تصور جي تخليق جا ڪارناما،
هي بيجان پٿر، ٺر جي مورن ۽ شيرن جي بيروح،
بي پهچ بتن جو سؤ سؤ قطارون،
هي گمراهين جون هزارين مزارون،
مڙئي ڪوڙ آهن. (مگر چند آثار الزام جي دائرن ۾ نہ آهن)
اهي سڀ نظارا،
اسان کان اڳي ئي، زماني جي راهن تي پنهنجي
قدم آزمائي ڪندڙ پيشروئن جي جولان جي ڏوڙ آهن.
مسرت جي منزل جي تاريخ بيحد پراڻي پراڻي،
ازل کان ابد جي مسلسل ڪهاڻي!
هي منزل نما سائبانن جا کنڊر،
هر هڪ راهرو قافلي جي نشاني،
شڪستہ ۽ ويران:
انهن تي تعجب ڪريو يا نہ ڪريو،
اهي سڀ ايئن ئي، اتي ئي، زماني جي پرزون
پيرن ۾ پامال ٿيندا!

گھڻي دير ٿي ويئي انهن کي تڪيندي،
وري رات ٿي ويئي انهن کي تڪيندي،
وري رات آئي، وري صبح ٿيندو،
ايئن ئي، انهن رات ۽ ڏينهن جي سلسلن ۾،
زماني جي رفتار جو علم عرفان ڊهجي وڃي ٿو!
زماني جي تاريخ تي هڪ نظر،
ٿي بخشي ازل ۽ ابد جو شعور،
مسرت جي منزل طرف هڪ قدم،
ڏئي ٿو نئين زندگي کي جنم:
سدا لازوال آهي انسان جي عظمتن جو ظهور!
اها آهي بس زندگيءَ جي حڪايت،
اٽل آهي بس وقت جي رهگذر تي نظارن جي
تبديلين جي روايت،
تہ اي همسفر ساٿيو، مهربانو،
مسرت جي منزل جا راهي جوانو!
پُڪاري پئي وقت جي عام نوبت:
نرالن نظرن جي تخليقن جا ڪارناما، اوهان جي
جهان ساز نظرن ۾ مستور آهن،
خوشيءَ جا خزانا، مسرت جا هي لمحا تازا ترانا،
اوهان جي سخن ساز شيرين زبانن جا دستور آهن،
اوهان جي صدا صاف فڪر و عمل ۾،
حياتيءَ جي فنڪارين جا هزارين ئي شهڪار معيار موجود آهن-
مسرت جي منزل پڪاري پئي:
عبث آهي ماحول جي متجندڙ منظرن تي قناعت،
اٿو، ڪُوچ ڪريو!
قدم باقدم، وقت جي رهگذر تي،
خوشيءَ جي ترانن جي جهونڪار ڪريو،
نرالن نظارن جو اظهار ڪريو!
۽ جيڪي طلسمات جي ڪاڪ- محلات ۾ کوئجي ويا،
انهن کي ڇڏي ڏيو، ايئن ئي، سندن حالتن جي حوالي:
پلي وائڙن جيان نگاهون ڇمائي،

بنا سرتہ چپ چاپہ بيٺا رهن سائبانن جا بيڪار ڪنڊر تڪيندا!
انهن تي تعجب ڪريو يا نہ ڪريو،
اهي سڀ، ايئن ئي، اتي ئي زماني جي پر زور پيرن ۾ پامال ٿيندا!
زمانو نہ بيٺو،
ڪڏهن قافلا زندگيءَ جا نہ بيٺا!

## ڪاغذ جو گل

ختم ٿي ويا رنگ و بُو جا مشغلا،
ويا وڌي ضبطِ فُغان جا مسئلا:
باغبان ڏيکاريو ڏاڍو ڪمال،
پر اچا رهجي ويو هڪڙو سوال:
تون به اي قدرت جا قائل، ڪجهه ته ڪُل،
يونئر ڪيئن سونگهي پلا ڪاغذ جو گل؟

(جنرل ايوب خان جي آئين بابت)

## جنگ جو ديوتا

رات چانڊوڪي هئي،
ٿڌڙي ٿڌڙي، ڇُوٽ، گهِميل هئي هوا،
جنهن تي ترنديون آيون ٿي بي روڪ ڇاٽون،
سنڌڙي انبن جي سرهي ٻُور جون،
اپ تي تارن ڪئي ٿي ڪيچلين ڪڪرين سان هر دم،
لڪ لڪوٽيءَ راند ڪيڏيءَ مهل ڪان،
۽ هتي هڪڙي ٻُهاڙيل پڊ تي،
ڳوٺ جا ڪي ٻارڙا،
رات ڪان ٿڪجي ٽٽي، گهيرو ٻڌي،
ڪن پيا ڪچهري قرب جي.
اوچتو،
ٿڌڙيءَ ٿڌڙي ڇوٽ، گهميل هوا تي،
ٿوڙي ئي پنڌ تان،
ترندا آيا ڪي وڏا آواز، ڄڻ گوليون هجن،
ٻارڙا ڇرڪي اٿيا،
۽ وري ويهي رهيا،
”ويهو، ويهو“ هڪڙي وڏڙي ٻارڙي ڪلندي چيو،
”جهنگ ۾ ماري شڪار ڦرندا هوندا.“

اڪيون ڦاڙي، ڊپ وچان، ڪنهن ٻئي چيو:
”ايئن نہ هوندو، پڪ سان ڌاڙيل آيا هوندا پنهنجي ڳوٺ ۾.“
پتڪڙي معصوم هڪڙي ٻارڙي ڳالهہ ڪئي،
ڪلهہ ئي بابا چيو ٽي، ”اڄ سپاٽي جنگ اچڻي آهي
پنهنجي ڳوٺ ۾.“

ڪجهہ گهڙين لئہ ٻارڙا چپ چاپ سوچڻ ۾ لڳي ويا،
اوچتو هڪ ٻارڙي واڪو ڪيو: ”جنگ ڇاهي؟.“
”ڇا خبر؟“
”جنگ ڪنهن آهي ڏٺي؟“

”تو ڪڏهن آهي ڏني؟“
”ڪنهن ڪڏهن آهي ڏني؟“

جڏهن سيني ٻارڙن مان ڪو نہ ڪڇيو،
پتڪڙي، منهن تي شرارت آڻي سنهڙي ۽ ڊيل آواز ۾ جهونگاريو:
”مون ڏني آهي اها!“
هڪڙي پيري هوءَ اسان جي ڪٽڪ ڪي ٻارن مٿان گهمندي وتي،
”ڏادي سهڻي هئي اها:“
”جهڙي پوپٽ، جهڙي پنيوري هجي!“
اوچتو ئي اوچتو،
هر طرف هڪيئي پئيان، سؤ سؤ ٽڪائن جا وڏا ڏمچر متا،
ٻاهه جا پنيٽ اٿيا،
۽ يڪا يڪ ساري ئي ماحول ۾ بارود جي بدبو گهلي وئي،
ٻارڙا سب گهائجي، گهوماٽجي، پئجي رهيا.

تنهن گهڙيءَ،
اوچتو پر گهٽ ٿيو ٻارڙن جي وچ ۾،
جنگ جو بيرحم ڦهري ديوتا:
ٽڏڙي ٽڏڙي، چوٽ، گهميل هوا ٽانڊن جو
گهر ٻڌجي وئي،
سنڌڙي انبن جي سرهي ٻور جون چاڙون
اماڙيون ٽي ويون،
چنڊ ۽ تارا اکين ڪان ٽي ويا اهڙا الوپ،
چڻ هئا ئي ڪينڪي،
ڪڪريون ساريون وڏي بادل ۾ پيهي،
ٽڙ پکڙ گم ٿي ويون:
جنگ جو بيرحم ڦهري ديوتا
ٺهڪ ڏيندو، رنيندو، نچندو رهيو،
موت جو خونخوار ناچ.

۽ ايئن چوندو رهيو:

جيستائين ڪوبہ نسل
جنگ کي سمجهي ٿو پنيوريءَ جيان،
پوپٽ جيان،
مان ايئن نچندو ئي رهندس،
مان ايئن نچندو ئي رهندس!

## وقت

وقت آهي بادشاهہ
وقت ڪي آهي سلامہ.
وقت ڪنهن جي لاءِ ترسي ڪونہ ٿو.
وقت ويندو نيٺ گذري، جو ويو گذري سو موٽي ڪونہ ٿو.
وقت ڪيئن گذري ويو، ڪل ئي نہ پيئي،
سڀ غلط آهي، غلط آهي ، غلط!

وقت بيحرڪت ، سراسر بيوجود:
لازمانيءَ ۾ مڪانيت جو حسنِ اتفاق،
ڪهڪشاني روشنين، اونداهين جو ڪيل، گردش
ابتدا کان انتها تائين فقط هڪڙي خيالي شاهراهہ
جنهن تي دمہ دمہ زندگيءَ جا قافلا گذرن پيا،
وقت گذري ڪونہ ٿو،
پاڻ ئي گذرون پيا.

## انت بحر ۾

هڪڙي لهر پري کان ايري،
ڊوڙي آئي ڪناري ڏانهن:
پٿر سان خود کي ٽڪرائي
ريتيءَ ذرڙن کي جرڪائي،
گم ٿي ويئي انت بحر ۾.

انت بحر جي انت تري ۾،
سهسين سهڻا موتي سپچن،
جن سان جل پرين جون ٽوليون،
ڀري ڀري سپ پنهنجيون جهوليون،
ويون ڪناري تي ورڪائي،
سورج داتا کي شرمائي.

## مشورا

چوي ڪير ٿو،
تہ تون ڪجھ نہ ڪر؟
يلا ڪير ٿو تو کي روڪي،
تہ تون پنھنجي حسن دو روزه تي نازان نہ ٿي،
جوانيءَ جي دولت تي شادان نہ ٿي؟
چوي ڪير ٿو،
تہ تون پنھنجي جوڀن جياريل، بھارن جي بخشيل، سُريلي ۽
شفاف، نرمل ۽ نازڪ، گلابي بدن تي،
سدا صاف، ريشم ۽ ڪمخواب و مخمل جي زرتار پوشاڪ پھرڻ
ڇڏي ڏي:
نہ ڪر سينڊ سرمو،
۽ پنھنجن خيالن کي دل جي ئي ويران خانن ۾ جڪڙي،
تبسم جي چپڙن تي شوخيءَ جي سرخي لڳائڻ ڇڏي ڏي؟
چوي ڪير ٿو زماني کي قائل بڻائڻ ڇڏي ڏي؟

مگر ياد رک،
تہ جوڀن جياريل، بھارن جو بخشيل، تنھنجو سريلو ۽ شفاف
نرمل ۽ نازڪ گلابي بدن ۽ زرتار پوشاڪ جو روپ رنگ-
فقط آب و رنگ –
اهو منھنجو حسنِ نظر ئي تہ آهي!
۽ تنھنجو تبسم؟
خيالن جي تاريڪ ويرانين ۾ تمنا جي گمنامين جو پڙاڏو،
فقط شور و شر!
مقدر جي کُھري ۽ کاري نرڙ تي،
نھايت ئي مبھم،
فقط چند ليڪا:
۽ صدين کان مان پنھنجي فڪر و عمل سان،
حياتيءَ جي هڏکي

تحرڪ جو رت روح ڏيندو رهان ٿو:
مصور جي دستِ هنر جو ڪرشمو؟
اهو منهنجو خون جگر ئي ته آهي!

مگر بنده پرور،
هي تنهنجو ۽ منهنجو فسانو ته ناهي!
ايئن ئي،
خيالن جي لهرن تي لڏندي،
ستارن تي شايد نظر پئجي ويئي:
ايئن ئي سهي،
ڪڏهن تو به آهي ستارن تي سوچيو؟
محبت جي جذب و ڪشش جو عمل!
محبت جواني، محبت مقدر، محبت ئي تخليق جو روپ رنگ.
محبت خدا!
ته اي مهربان،
ڪڏهن منهنجي ميرن ۽ ڦاٽل ۽ بوسيده ڪپڙن،
۽ دامن جي چتين تي نفرت جون نظرون سڃيندو نه ڪر،
غريبن جي صورت ۽ حالت تي پنهنجي تبسم جا طعنا تڇيندو نه ڪر،
محبت جو مُنهڙو مٽيندو نه ڪر:
چوي ڪير ٿو
ته تون ڪجهه نه ڪر!

## فرصت

تنهنجي ياد سراپا سهڻي،
سورهن ئي سينگار ڪري،
منهنجي من مندر جي در تي بيٺي آهي،
آس لڳائي:

نيٺ ته ڪڏهين فرصت ٿيندي،
نيٺ ته ڪڏهين وقت بچائي،
ساڻس ملندس ياڪر پائي.

ورهين ڪان هو بيٺي آهي،
ورهين ڪان مان سوچيان ويٺو:
نيٺ ته ڪڏهين فرصت ٿيندي:
نيٺ ته ڪڏهين وقت بچائي،
ساڻس ملندس ياڪر پائي.

# حسن نظر

تون سچو ئي وقت تي سامهون رهين،
مان سچو ئي وقت مصروفِ نظر:
زندگي چڻ آهي دل جي رهگذر،
۽ زمانو ڀڻ نگاهن جو سفر.

تون الائي ڪيترو آهين پري،
مان خيالن ۾ رهان ٿو بيخبر:
زندگي چڻ آهي خوابن جو شهر،
۽ زمانو خوش خياليءَ جي نظر.

هر گهڙي تنهنجي تصور ۾ رهي،
خود ئي بنجي ٿو وڃان حسن نظر:
زندگي چڻ آهي جَلِوَن جو گذر،
۽ زمانو تنهنجي الفت جو اثر.

## سونهن جي صدقي

هوءَ سهڻي هئي، ڏاڍي سهڻي،
ايڏي سهڻي،
جنهن کي ڏسندي، اکيون يڪٽڪ ڇمي ويون ٿي:
صورت هن جي صبح سياڳو، رنگت شام شفق، جهڙ مان سورج
ليئو پائي، هن جي ايئنءَ جهلڪ.

هوءَ پياري هئي، ڏاڍي پياري،
ايڏي پياري،
جنهن کي ڏسندي، دل سيني مان نڪري وئي ٿي:
ڳالهيون هن جي کنڊ پتاشا، ماٽ بہ مصريءَ تڙ، ٽهڪ ايئن، جيئن
گهنگهرو گونجن، مرڪ تہ وڄُ وَڪڙُ

هوءَ نياري هئي، ڏاڍي نياري،
ايڏي نياري،
جنهن کي ڏسندي، دل ۾ دردن دود دکيا ٿي:
اکڙيون هن جون انتر منتر، جادو جنتر قد،
مڙي ڏنو جنهن پند پهڻ ٿيو، رستا راهون رد.
پوءِ هڪڙي ڏينهن ايئن ٿيو،
هڪڙي وحشي ظالم شخص ( جنهن جي هو طلاقيل هئي)
وجهہ وٺي،
اهڙي سهڻيءَ، پياري نياريءَ صورت کي گهوگها ڏئي ماري ڇڏيو!
ڇا جي لاءِ؟
جيڪا هن لاءِ هميشہ ٻڌجي ويئي حرام
سا وري ڪيئن ٻئي جي لاءِ ٿئي حلال!
يعني ”منهنجي ڇڪيل ڀاڄي، ٻيو ڪيئن کائيندو؟“

اي مالڪ، اي خالق، ساري جڳ جا پالڻهار!

قادر قدرت وارا سائين ”دوست مٺا دلدار“
هڪڙو عرض اگهائج، مولا
پنهنجي هن گناهن ڀريل، عاجز گندي ٻندي جو:
... هن ڪان پوءِ هن ڪان پوءِ ...
(معاف ڪجئين، اي منهنجا مولا!)
هن ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي،
سهڻي پياري صورت ڪا تخليق نہ ڪج،
۽ جي نرمل نازڪ ماڻهو ڌرتيءَ تي رهن پيا،
سڀ جا سڀ ناپيد ڪري ڇڏ!
هڪ ئي پل ۾، هيڪاندا!
-پل تہ اها بيقدري ۽ بيذوقن واري
بيدردن، بيرحمن واري دنيا،
سونهن ڪان خالي،
پيار ڪان خالي،
بدروحن جو دوزخ بڻجي!
جنهن ۾ ڪنهن کي آئيني ۾ شڪل ڏسڻ جي لوڙ نہ رهندي:
ڪنهن کي پاڻ وڻائڻ خاطر،
وهنجي سهنجي، ڌوتل ڪپڙا پائي،
عطر لڳائي،
ڪنگي ڏيئي، وار سجائي،
ماڻهو بڻجي،
جڳ سان گڏجي جيئري رهڻ جي آس نہ رهندي،
پوءِ اکين مان گهورَ ڇپن تان مرڪ اڏامي ويندي،
دلين اندر چاهت واري جوت اجهامي ويندي،
چڙ اندر جي- اڌما ڏيندي، ذهنن کي ساڙيندي، جسمن کي ڳاڙيندي،
هر ڪنهن منظر ۾ نفرت جا ڀوت پيا دانهيندا،
هر ڪنهن ڇهري مان وحشت جي ڏائڻ ليئا پائي، ڏند ڪڍي پيئي،
ٺهڪ ڏيئي ديڄاريندي:
تڏهين پاڻا ۽ بيزاريءَ مان هر ڪو پنهنجو ماس پٽيندو،
تڏهين هر ڪو هڪ ٻئي جو پيو رت چٽيندو.

اي ۾ ڪتيون، چنڊ، تارا پوءِ بہ هوندا،
سمنڊ ۾ مڇيون ۽ موتي پوءِ بہ هوندا،
ڪڪر هوا ۾ پوءِ بہ ترندا، مينهن بہ پوندا،
پکي پسون ۽ وڻ ٽڻ وليون، باغ بهار پوءِ بہ هوندا،
بس هڪ ماڻهوءَ ذات نہ هوندي،
اي ڪان ڏرتيءَ تائين شاهي دوزخ ۾، بدروحن جو واسو هوندو!

منهنجا مولا،
تون سونهارو، سونهن سان پيار ڪرين ٿو،
بس، تون پنهنجي سونهن جي صدقي،
سونهن سان پنهنجي پيار جي صدقي،
پنهنجي هن گناهن ڀريل عاجز، گندي بندي جو هي عرض اگهائج:
پل هي دنيا بدروحن جو دوزخ بنجي!

بيشڪ مان بہ انهيءَ دوزخ ۾، بدروحن سان شامل هوندس،
جيڪو پوءِ سڪندو رهندس پنهنجي وڃايل سهڻيءَ صورت
واري پياري ماڻهو لئہ!
بخش ڪجئين، اي بخشڻهار!
پنهنجيءَ سونهن جي صدقي!

01.06.1996

## اڌ صديءَ جو داستان

عمر جي معصوم، مخلص مرحلن ۾،
زندگيءَ جي راھ تي،
همسفر ھڪڙو مليو ھو-
اھڙو ئي معصوم، مخلص،
جھڙي ھن جي عمر ھئي.

ڪا خبر ئي ڪانہ ھئي ڪھڙو سفر ھو،
ڪا خبر ئي ڪانہ ھئي، ساراھ ڪيڏانھن تي وئي،
ڪا خبر ئي ڪانہ ھئي، اڳتي ڪٿي منزل بہ ھئي-
بيخبر اکڙيون ھيون،
بيخبر دلڙيون ھيون.
بس ايئن ئي بيخبر،
وقت جي وڏراھ تي،
ٽھڪ ڏيندا، ڪيڏندا، ڪلندا، ڪڏھن پوپٽ ۽ پنيوريون جھليندا،
يا وري،
رنگ برنگي گل پَتي جھوليون پريندا،
چند تارن کي تڪيندا،
ھڪٻئي جو ھٿ جھلي،
جھومندا، ڳائيندا، ھلندا تي رھياسين:
ڪيستائين؟ڪنھن طرف؟
-ڪا خبر ئي ڪانہ ھئي.

پنڌ سارو ھو گلن جي فرش تي،
ھر قدم سرھاڻ جون اوتون ھيون،
ھڪڙي ئي موسم بھاريءَ جي ھئي،
چانورا وڏڪار جا، بادل ھئا، بوندون ھيون.

پوءِ ھڪ ڏينھن اوچتو،
ڪيئن الائي،

هڪبئي جو هٿ هٿ مان ويو ڇڏائجي:
وقت جي وٽراهه تي ڪارا ڪڪر ويا ڇانئجي،
۽ وڏي گجگاهه ڪنهن جنگل ۾ ڦاسي،
پنهنجي پنهنجي منهن هئي ڀٽڪي وياسين،
سڏ پڙاڏا گونجندا، هر پل پري ٿيندا رهيا،
دل کي گهائيندا رهيا:
نيٺ هڪبئي کان ايئن گم ٿي وياسين،
ڄڻ هميشہ کان ئي اڪيلا هئاسين:
پنهنجي پنهنجي واٽ هر ڪنهن کي ملي اڳتي هلي،
زندگي گذري ايئن روئي کلي، اڳتي هلي.

اڄ صدي جي ڳالهہ آهي،
زندگيءَ جي راهه تي،
حال واري موڙ تي،
اچ وري سو همسفر سامهون اچي بيٺو هئم!
ٻت بڻيا حيرت وچان،
ايئن تڪيندا ٿا رهون هڪبئي جا چهرا،
ڄڻ ڊٺل ڪنهن چِٽ جون ليڪون خيالن ۾ ملائي،
رنگ تن ۾ يادگيرين جا ڀري،
ڪا تصور جي پراڻهيڻ ڪنڌ ۾ ڏيجي ويل تصور ٺاهيندا هجون.
هوريان هوريان،
پوپٽن، گلڙن ۽ پنيورين جا ڪيئن منظر ايرن ذهن ۾،
روح ۾ سرهاڻيون پالوٽ ڪن ٿيون،
۽ يڪايڪ،
هن جون اکڙيون ڀوڻجي، چرڪ سان ڀيهر کلن ٿيون جنهن گهڙيءَ،
هن جي چپڙن تي سوين رابيل مرڪي ٿا پون:
۽ وري،
ٻيءَ گهڙيءَ،
مرڪ جا رابيل سڀ ڪومائجي، وکري وڃن ٿا،
۽ اکين ۾ هڪ وڏي گجگاهه جنگل جا نظارا ڇوهه سان پيهي اچن ٿا،
سڏ پڙاڏا، ويجهڙا ٿي، ذهن ۾ گونجڻ لڳن ٿا.

هو ڪنن تي هٿ رکي، پيهر اکيون پوري ڇڏي ٿو،
مان ڏسان ٿو،
سو ڪنول- چهرو ڪٿي؟
وقت جي وڻراهه تي، جر جهنگ جي بيرحم ڪوسين، تيز طوفاني هوائن،
هن جو سارو جسم لوساڻي ڇڏيو هو:
گل گلابي ڳل هئا ڪنڌن سان رهڙيل،
۽ لڦون پيرن جون ڇِڪيون پئي اجان.

هڪ ٻئي کان جي پڇي پڇجي ته ڇا؟
هڪ ٻئي کي جي ڏسي ڏسجي ته ڇا؟
ماجرا ساڳي هئي، دل جي ڪٿا ساڳي هئي،
آپ-بيتي هن جي منهنجي، برملا ساڳي هئي،
هو اکيون کولي چوي ٿو ايترو:
سمنڊ تان اڌري اچڻ ٿيو هو هتي،
سمنڊ تان اڌري وري وڃڻو اٿم.

سوچيان ٿو،
اڌ صدي جو هڪ "زمان" جو فاصلو گذريو ته ڇا،
اڌ صديءَ جو ٻيو "مڪان" جو فاصلو ٻڻجي ويو:
زندگاني ڇڻ "زمان" جي ۽ "مڪان" جي فاصلن جو جهنگ آهي،
جنهن جي ڪنڊن ساڻ ڦٿڻ هر محبت جي مسافر جي اصل تقدير آهي.
مون ٽنگي آهي سندم دل جي پراڻي پٽ تي،
وقت جي ڌٻل اها تصوير، جنهن تي رنگ ليڪا يادگيرين جا
پرينڊس پيو انهيءَ منظر کي جوڙڻ جي لاءِ،
جو هجي منهنجي ۽ منهنجي همسفر جي درميان خالي
"زمان" جي ۽ "مڪان" جي فاصلن کان.

ته ماهي "مهراڻ" 3.1995

## تهذيب دشمن

ڳالهه ڳُجهڙي به هئي،
ڳالهه پڌري به هئي:
ڪالهه پوئين پهر
ڪير آيا ويا،
راڄ ساري اڳيان ڏئي ساري ڪري ڪي ويا چوچڙيءَ:
ٻاهه ٻنيٽ ڪيا،
ڪي ته ماڻهو مئا،
ڳوٺ جو ڳوٺ ڪن ۾ ويو سارو سڙي.

ڳوٺ جي رک مٿان،
دونهن ۾ دز منجهان،
هڪ جُڳن جي جهريل جهور ٻُڍڙي تي دلدوز دانهون ڪيون:
چو ٻيلا ڳوٺ منهنجو ئي هر هر اجاڙيو وڃي ٿو،
اباڻن ڪکن کي ئي ساڙيو وڃي ٿو؟
اڙي ڪوئي آهي جون مون ڏي اچي؟
اڙي راڄ وارا،
اڙي راڄ وارا،
اها وارتا ڪو ته مون کان پڇي،
ڪير آيا ويا، ڪنهن ڏني چوچڙي،
ڪوئي آهي جو مونکي سڃاڻي سگهي،
ڪو ته مون کان پڇي،
منهنجي ٻانهينءَ جي چُوڙن تي تاريخ جا نقش ڇاڻي سگهي؟
مان ته آهيان مهين جي دڙي جي اها نِرتڪي،
جنهن سوين بار هن ”سک نگر“ جي دڀيل ڪندرن جي مٿان
ڳوٺ ٺهندي ڏٺا، ڳوٺ ڊهندي ڏٺا.
ڪير ايندا رهيا،
ڪير ايندا رهيا،
ڪير ڏيندا رهيا هر دفعي ڳوٺ کي چوچڙي؟

مان جُڳن کان انهن کي، انهن جي اريءَ ۽ پريءَ کي سڃاڻان،
هو دهشت ۽ وحشت جا باني مباني
هي شيطان ثاني.
هي تهذيب دشمن، هي تهذيب دشمن هي تهذيب دشمن ئي آهن نياڳا،
مهين جي زماني کان سنڌوءَ ڪنارن جي تهذيب تي سَڙن پوسرن ٿا.

اڙي راڄ وارا،
اڙي راڄ وارا،
اچو ۽ ڏسو، منهنجي هٿ تي هي تهذيب دشمن
خبيثن کي شهہ مات جي چال آهي لڪيل:
اوهانجي، شاهڪار تهذيب آهي قديم ۽ عظيم
ڪرشمو فقط آهي سنڌوءَ جي پاڻيءَ سندو:
جي پاڻي نہ آهي تہ سنڌو ڪٿي؟
جي سنڌو نہ آهي تہ تهذيب ڇا؟

تہ اي راڄ وارا،
وڃي پنهنجي تهذيب جي لاءِ سنڌو بچايو،
۽ سنڌوءَ جي لئہ ان جو پاڻي بچايو:
نجات آهي پاڻي،
جيات آهي پاڻي،

هي پيغام آهي مهين جي دڙي جي پڍي نرتڪيءَ جو، اوهان جي امڙ جو.

## نهروءَ جو ديهہ انت

سورج منڊليءَ ۾ اڄ ڏاڍي ڌوم مچي وئي آهي،
ڪرڙو ڪرڙو رنگ رليءَ ۾ ڦُوليو تتو سمائي.

ڪايا ڇايا مست مگن تي ڇم ڇم ڦيريون پائي،
نيل گگن جو هر ڪو ياتي خوش ٿي جهومي ڳائي.

هر پاسي گهنگهور گهٽائون رلمل راند رچائن،
سرهائيءَ جو، واڌائيءَ جو پل پل ناد وڄائن.

پلڪ پلڪ تي بجلي چمڪي ڦهلائي پرڪاش،
جڳمڳ جڳمڳ ڇهڪي ٻهڪي اجيارو آڪاش.

تارا ڪتيون، چنڊ نکيتر هر هر پائن فال،
ياڳ پلارو ڇاٽي پنهنجو، ڳائن جهولي لال.

سرڳ سڄي جون سندريون گڏ ٿي، سهسين ڪن سينگار،
هر ڪا سجني سينڌ سجائي، هر ڪا چاهي پيار.

جهرمر جهرمر تارن جا سڀ ديپ جلائي ڇڏيو،
انت ڏياريءَ جهڙي پڳ پڳ جوت جڳائي ڇڏيو.

اندلٺ جا سڀ رنگ پکيڙي، دنگ سجائي ڇڏيو،
هوليءَ جهڙي رنگبرنگي موج مچائي ڇڏيو.

سورج منڊلي ۾ هڪڙو نئون چنڊ ابرٿو آهي،
ڌرتيءَ جو هڪ راج دلارو سانجهيءَ اچٿو آهي.

(”نئين دنيا“ دهلي، ڏياري پرچو.)

## ڪِڇن جي اونداهي

ٻہ ماڙ تان اکيون هيٺتي پيون گهورين،
ڪشادي روڊ تي ڪارن، بسن ۽ اسڪوٽرن جي اٽڪٽ ڇڇ
ڪٽان اچي پئي، ڪيڏانهن وڃ پئي تڪڙي،
الائي ڪير چڱا يا مٺا هجن ان ۾،
وزير، سيٺ وڏيرا، يا ڪامورا
مزدور، ڪلرڪ، شاگرد يا پروفيسر،
دلال، ڪاتڪو، بشني ۽ چور يا ڌاڙکو
وٺي وڃن پيا هڪڙي ئي واٽ سڀ هيڪر،
الائي دل ۾ هر هڪ جي ڪا هوندي واٽ ٻي ڪهڙي
ڪئين پيادا ٻہ هلندا وڃن ٿا پاسن کان،
جوان، ٻار، عورتون، پوڙها
۽ هڪڙو ڳاڙهو ڪتو، روڊ جي پرئين پاسي،
ستو پيو آهي بنا ڪٿڪي هيڏي هل ۽ هلچل ۾.

پري ڪان گوڙ ڪندي آئي هڪڙي ائمبولنس
هو ڳاڙهو ڪتو ڇرڪ سان پيو جاڳي،
ٻنهي هٿن کي سپاهيءَ هوا ۾ لهرايو،
۽ روڪجي ويئي ساري روان دوان ٽريفڪ.
ٻہ ماڙ ڇت جي اوچائي تان هيٺ گهوريندي،
اکيون جي چست هيون زندگي جي چرپر ۾،
ڪشادي روڊ تي هر پاسي پئي ڦريون، ڪمال ڦڙتي سان
ڇڙي ۽ ورچي ۽ مايوس ٿي مڙيون پنتي.

پلا ٻليءَ کي انهيءَ ساري ڇهڇتي سان ڪهڙو ڪم؟
هجوم هيڏي ۾ ڏسجي ٿو ڪو هڪڙو ئي ڪوئو!
اکين کي هيءَ ٻہ فطرت جي آهي آگاهي
سچي جهان کان بهتر ڪڇن جي اونداهي.

## توسان ڳالهيون

رستي هلندي،
گهر ويٺي،
بازارن ۾ گهمندي ڦرندي،
پيار جون پياريون ڳالهيون.

ڪڏهين منهنجي هٿ ۾ پنهنجو هٿڙو ڏيئي،
سمنڊ ڪناري،
ننگين پيرين، آليءَ واري تي، يڪساهيءَ ڊوڙي ڊوڙي ڪري پوين ٿي،
۽ مان تو کي ڪٺي وٺان ٿو، ڀاڪر پائي.

ڪڏهين شهر جي ڪنهن باغيچي جي ٿڌڙي ڇپراٽي تي ويهي،
تنهنجا سونا روپا ٽهڪ ٻڌان ٿو،
ڪڏهين شام ٿَريءَ جي ويلي، ايڪانت ۾ منهنجن ٻانهن ۾ جهولين ٿي.

.... پر توساڻ ئي سڀ ڳالهيون تڏهين ٿينديون آهن،
جڏهين تون موجود نہ هوندي آهين.

## وقت جو ڦيرو

تون ٻہ انهي جهڙيءَ ئي آهين،
سُڌ ٻُڌ ان جهڙي ئي آهين:

شڪل شباهت، قد ۽ قامت، ساڳي رنگت،
مرڪ ٻہ ساڳي، ٽهڪ ٻہ ساڳيا، نيڻ نهار ٻہ بلڪل ساڳي،
چڻ تہ اها ئي ساڳي آهين.

پوءِ ٻہ ڪيڏو فرق ٻنهي جي وچ ۾ آهي،
هن تہ مون کي سمجهيو ٿي سپنن جو راجا،
۽ تون مون کي انڪل-انڪل ڪوٺين ٿي!

وقت جي ويڇي ڪيو آهي اهو ڪيڏو انوکو ۽ عجب دلچسپ ۽ بي دردي مذاق!
ڪاش تون هُن جهڙي نہ هجين ها!
ڪاش تون هُن جهڙي نہ هجين ها!

## شامِ غريبان

اڄوڪي صبح جو سورج بہ ويو لهي آخر،
اڄوڪي شام غريبن تي وئي اچي آخر.

اڄوڪي رات انڌيرا جشن ملهائيندا،
وڃي اجالا ڪٿي پنهنجا سر لڪائيندا.

اڄوڪي رات ڪنديون خوب رقص زنجيرون،
هزار طوق ۽ زندان جون ٿينديون تدبيرون.

اڄوڪي رات ڪندي باھ راند وحشت جي،
عذاب آڻيندي ڌرتيءَ تي ڌوم دهشت جي.

اڄوڪي رات شهيدن کي ڪو ڪفن ڪونهي،
ڏسو ڪٿي تہ ڪٿي سر، ڪٿي بدن ڪونهي.

اڄوڪي رات مصيبت جي ماجرا جي رات،
اڄوڪي رات قيامت جي ۽ قضا جي رات.

اڄوڪي رات محبت جي منزلن جي رات،
اڄوڪي رات صداقت جي فيصلن جي رات.

اڄوڪي رات محبت جي بندگيءَ جي رات،
اڄوڪي رات ضميرن جي زندگيءَ جي رات.

اڄوڪي رات ۾ انسانيت ڪندي معراج،
تباھ تخت ٿيا ۽ تاج ٿيا تاراج.

اڄوڪي رات اتم، او چ ۾ اَمر آهي،
صدين کان صبر جي تاريخ جو ثمر آهي.

اڄوڪي رات وئي موت کي بہ مات ڏئي،
اڄوڪي رات زماني کي وئي نجات ڏئي.

## سندرتا جي جيت امر آ

(ڪربلا جي قضيي بابت)

اڄ کان ڪيئي صديون اڳ ۾،
ڌرتيءَ جي هڪ سندربن ۾ باهه لڳي هئي.
پڙڪي پڙڪي، ڪڙڪي ڪڙڪي،
شعلن اهڙو رقص ڪيو هو،
جنگل منگل رک اڌري هئي.

اڄ کان ڪيئي صديون اڳ ۾،
ڌرتيءَ جي هڪ سندربن ۾ گل ٽڙيا هئا،
ڪومل ڪومل، نرمل نرمل،
ڪنول، چنبيلي، موتيو، مگرو،
وک وک تي جنسار جڙيا هئا.
چنچل شوخ هوائون چوڌس ايئن ٿي جهوميون،
جنگل منگل سرهاڻين جا ساٿ ٿيا هئا.

دريا سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هو،
بادل، سج چنڊ، تارا ڪتيون ڏسي رهيا هئا،
ست ئي سمنڊ پري پري کان ڏسي رهيا هئا،
حورون ملڪ، مرون ۽ ماڻهو ڏسي رهيا هئا.
اڌري اڌري، پکي پکيڙو ڏسي رهيا هئا،
اڀ ۽ ڌرتي، گهوري گهوري ڏسي رهيا هئا:
باهه لڳي هئي،
گل ٽڙيا هئا،
سندربن ۾ سندرتا ۽ ڪنورتا جي وچ ۾ ياري جنگ لڳي هئي:
ٽاندن ۾ چا گل ٽڙيا هئا،
گلن اندر ڪيئن ٽاندا ٽڙڪي ٽِلي رهيا هئا:
باهه برابر وڌي رهي هئي،
گل برابر جهومي جهومي کلي رهيا هئا:
جڳ سارو ئي ڏسي رهيو هو،

اک چنبي اندر
سندرين جو ذرو ذرو،
دونهون، دونهون،
اونداهيءَ ۾ ٻڏي ويو هو.

دريا رڄ رڄ روئي ڏنو هو،
بادل سڏڪا ڀري رنا هئا،
سورج، چنڊ ۽ تارا ڪتيون روئي رهيا هئا،
سمنڊ سمورا روئي رهيا هئا،
ماڻهن روڄ مچايو روئي،
پکين پاڻ پچاڙيو روئي،
اي ڌرتي روئي رهيا هئا،
سندرين ۾ هيڏي هتيا،
سندرتا سان هيڏو هاڃو،
اي ڌرتيءَ جنم جنم کان ڪونہ ڏٺو هو:
اک چنبي اندر
سندرين جو ذرو ذرو،
دونهون، دونهون،
اونداهيءَ ۾ ٻڏي ويو هو!

جڳ سارو ئي ڏسي رهيو هو،
اک چنبي اندر
ٻاٽ انڌيرا،
ٽڙي پکڙجي،
وٽڙي ويا هئا.
باھ ڪٿي هئي؟
ٽاندن جي رک جي ڍيرن تي،
جهومي جهومي،
گلڙا خوش تي کلي رهيا هئا!
سُندرتا جي ساري تي هئي،
ڪنوَرتا جو موت ٿيو هو،

اڄ کان ڪيئي صديون اڳ ۾
سندربن ۾ باھ لڳي ھئي،
جنگل منگل رک اڏري ھئي.

اڄ کان ڪيئي صديون اڳ ۾
سندربن ۾ گل ٽڙيا ھئا،
جنگل منگل سرھاڻين جا ساٿ ٿيا ھئا،
سندرتا ۽ ڪٺورتا جي وچ ۾ ڀاري جنگ لڳي ھئي،
سندرتا جي ساري ٿي ھئي،
ڪٺورتا جو موت ٿيو ھو،
سندرتا جي جيت امر آ،
ڪٺورتا جو موت امر آ،
ھتيا پاپ جي پوڄا وارو،
سندرتا جي پريت امر آ!

(پي ٽي وي جي مشاعري ۾ پڙھيو ويو)

## اڇي، جيڪو اڇي

سچ جو مچ متل آهي، اڇي جيڪو اڇي،
دونهين دردن جي ڏُڪيل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

رنگ ٽاندن جو، اماڙين جو، الن پيڙن جو،
رنگ ئي رنگ رتل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

ايڏي تتڌ جو سچو ماحول ڇمي ويو آهي،
هڪڙو پنيث ئي بچيل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

ڇرَ ۾ ڇاڻ جا آڙاھ ٿا پڙڪن، ٽڙڪن،
باھ ۾ بخت پريل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

هڪڙي پاسي ڪان ازل، ٻئي ڪان ابد جو عالم،
وچ تي بيٺو اجل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

واٽ واسينگ بني، لاٽ مان اَجگر اپڙن،
هي تہ ڪو ڪاڪ محل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

مچ تي ميڙ ڪرڻ وارو تہ ٻيو ڪو ڪونهي،
حيدري آهي، سچل آهي، اڇي جيڪو اڇي.

## سچ درازا وسدا هي

گهڻي زماني تي ڳي جڏهان سچ سدا سوپارا ها
اون دي ڏاڍي هلدي پڇندي، اون دا وارا نيارا ها.

گهر گهر اون دا جهنڊا کُتا، در در عام نظارا ها
هر هڪ دل دا دلبر ها اون، هر هڪ اک دا تارا ها.

ڪنگلا ڪوڙ انهان دي ايڏي شان ڪون ڏيک ڪي سڙدا ها،
راتيان ڏينهان اندر اندر جلدي پڇندا ڪڙهدا ها.

هڪ ڏينهن اينوين هويا، جيوين سچ ستا ها سيج اتي،
ڪوڙ اچي شبخون هنيا، ڪئين ڪٽڪ انهان دي ساڻ

سچ ڪون ڏيهه نيڪالي آئي، سچلي ماڻهو ماري ڳئي،
ڪتلي قيدي باندي تي ڳئي، ڪتلي دار تي وار ڳئي

سچ تڏهان ڪو لُڪدا ڦِردا، جهنگ جبل وچ رلدا ها،
ڪوڙ انهان دي مارڻ ڪِيتي، پڇون پڇون چلدا ها.

اتي آڪر اج ٻُڌو سي، سچ درازا وسدا هي،
چاندوڪي ديان پاڪي چيريان، چم چم چم چم نچندا هي.

جي اي ڳالهه سچي هي يارو، ڪوڙ ٻ اِتان هوسي،
ڳولو ڳولو، مارو مارو، اِتان ڪِتان هوسي.

## عاشق هليا اکين سان

عاشق هليا اکين سان، ٿي نينهن جا نمازي،
لوچي لڏائون لبن سان، دلبر جو در درازي.

چائنث جنين بہ چائي، سُرکي مِليَن سَوائي،
تيزيءَ ڪين توائي، ملان رهيو نہ قاضي.

اکپور ۾ الستي، اهڙي نہ ڪائي سستي،
مستيءَ جو مٽ نہ هستي، هاري ڇڏيئون هجاري.

جي پاڻ سان مخاطب، ٿيندا نہ ظُور طالب،
عبرت عجب عجائب، ديدار دم درازي

جانب جي جاءِ جاتي، ٿي روح راءِ تاتي،
ڇرڪيا الائي ڇاتي، محبوب سڀ مجازي.

مُلان مِني مِنائي، قِاضي جي ڪُٽ ڪمائي،
چوڪي چِکي ڪڙائي، ڪافر ڪٽي ويو بازي.

جن من ڪيو مٽيري، آيا اهي اويري،
ويو وقت واڳ ڦيري، هيءَ ڳالهہ آهي تازي.

”شميشير“ يار پنهنجو، ڏس ٿي ويو ڪنهن جو،
ڪونهي قصور تنهن جو، دردن ڪيو درازي.

## 1973ع واري ٻوڏ

سنڌ جو سيلاب يا ڌرتيءَ جو سُور؟
پيو تڪي تاريخ کي سنڌوءَ جو پُور

ڪا نئين تدبير تي آهي ضرور،
ويو وٺي تقدير کي پنهنجو ڪلور

ڏيهه تي ايڏو ڏمر ڪهڙو قصور،
مچريل مهراڻ جي موجن ۾ گهور

وقت جي درياهه سان ڪهڙو غرور،
هر هچا سان تيز ڪائي تو شعور

دور نئين تعمير جو آهي نه دور،
اي ميان "شمشير" چو آهين ملور.

(پهرين مئي 1973ع تي ريڊيو پاڪستان ڪراچي پاران ٻوڏ بابت ڪرايل مشاعري لاءِ ٻيا شاعر: سنڌي علي محمد مجروح ۽ اياز قادري، اردو: حمايت علي شاعر، جميل الدين عالي ۽ صبها اختر. پيهر حيدرآباد ريڊئي پاران ڪرايل مشاعري ۾ پڙهيو ويو)
روزاني "جاڳو" ڪراچي ۾ ڇپيو: جولاءِ 1992ع

## نيرين اکڙين وارو چنڊ

راتِ عورت جي زلفن جي رنگت ڪٽي،
بيد جي شاخسارن سان ڳڏجي وئي،
مان نديءَ جي ڪناري، خيالن جي موجن تي هسوار هلندو رهيس.
اوچتو راڳ آلاپ جون تيز لهرون اٿيون،
سارو ماحول پر ڪيف، پر سوز نغمن سان گونجڻ لڳو.
ڇا خبر، وقت جي ڪهڙي رفتار هئي،
چند گهڙين اندر، ايتري ئي فقط پيئي مونکي خبر،
هوس حاضر حسنين جي جهرمٽ اندر-
جن جي صورت گلابن کي گهايل ڪري،
جن جو جوڀن بهارن کي برهم ڪري،
هار سينگار ۾ سرس هر ڪا ڇٽي:
تاج پاڻيءَ جي بيداغ گلڙن جو پهري ۽ گردن ۾ مکڙين جي مالا وجهي،
سا سراپا هئي پرين جي راڻي بڻي.

ڪيستائين سي هڪٻئي جي ڳچين ۾ ٻانهون وجهي،
ڳائينديون، مرڪنديون، ٺهڪ ڏينديون رهيون.

مون پڇيو، "ڪنهن جي خاطر ٺيون ڳايو اوهين؟"
سيني مرڪي چيو، "جن جي موٽي اچڻ جون اميدون اٿئون."
هڪ ڇٽي پيءُ جي لاءِ هئي منتظر،
ٻئي ڇاڻي ياءَ لاءِ حيران هئي،
جنهن کي ليڪن هئي آس محبوب جي واپسيءَ جي
سين کان زيادهه پريشان هئي.
مان نديءَ جي ڪناري، اداس ۽ اڪيلو، خيالن جي موجن تي،
هسورا، اڳتي وڌيس:
جنهن گهڙيءَ پنهنجي پويان يڪايڪ نگاهون ورائي ڏٺم،
چنڊ نيرين اکين سان ڪئي پئي سدم رهنمائي!

"سهڻي" حيدرآباد : پيو پرچو.
(سورهينءَ صدي جو يوناني شاعره بلز سهڻين تشبيهن ڪري مشهور آهي، فرانس جي جڳ مشهور اديب پيري لوئي 1926ع ۾ سندس نظمن کي نظماڻي نثر ۾ ترجمو ڪري "سانگ آف بلز" نالي سان شايع ڪيو. بلز جي هڪ نظم جو هي منظوم سنڌي ترجمو پيري لوئيءَ جي ترجمي تان ڪيل آهي.)

## ويراني

بلندرالحيدري/ عراقي شاعر

ساڳيو رستو، ساڳي گھٽي،
ساڳيا گھرڙا، ھڪ ٻئي سان لاڳو،
ساڳي ئي خاموشي،
ڪالھ ايئن ئي چوندا ھئاسين،
پاڻ سياڻي مرنداسين، پيھر جاڳي اٿنداسين:
باک ڦٽڻ سان،
جيئن جيئن رستو روشن ٿيندو،
گھر گھر اندران
ننڍڙن ننڍڙن ٻارن جا آواز انھيءَ تي
گونجي ويندا.
پنھنجي گذريل حالت، پنھنجون ڳالھيون
پنھنجون بيزاريءَ ۾ جيئندڙ زالون،
پنھنجون پٽرن جھڙيون، شيشي جھڙيون اکيون،
تن تي ھو سڀ کلندا، ٽوڪون ھڻندا، يادن کان بي بھروه ھوندا
تن کي جھوني رستي جي ڪا ڄاڻ نہ ھوندي
ھو سڀ کلندا، ٽوڪون ھڻندا،
ڇو جو پنھنجي ڪل جو باعث ڪين نہ
ڪنھن کان پڇڻو پوندو.
ڪالھ ايئن ئي چوندا ھئاسين
”پنھنجي موقعي سازيءَ سان،
وقت اسان جو ٿاھ ڪرائي،
ھڪ ٻئي سان گڏي ڇڏيندو
جيڏانھن ھڪڙو دوست اٿيو
ھوڏانھن ٻئي سڀ وير ڇڏيو“

ڪلھ جو ڏينھن بہ ڪيڏو گھرو
جذباتي ھو،

جو ٻه چيوسين، شايد سمجهي
ڪين سگهياسين،
وقت اسان کي هڪ ٻئي ساڻ ملايو آهي.
ليڪن هڪڙو دوست اڄان بي دوست
بنيو،
ٻئي جي لئه واجهائي بيٺو،
هاڻي سان جذبات جي گهرائي ٻه وئي،
۽ آهن ساڳئي رستي تي،
ساڳي گهٽي، ساڳيا گهرڙا، هڪ ٻئي سان لاڳو،
ساڳي ئي خاموشي،
۽ ٻئي پاسي، هوڏانهن،
بند ٿيل درين جي پويان
وڏيون، قاتل، ڏتڙيل اکيون،
پنهنجن ٻارن جي موٽڻ لاء
واجهائيندي،
پٿر جهڙيون، شيشي جهڙيون بڻجي ويون آهن،
خوف اهوئي آهي،
ڏينهن ختم ٿي ويندو!
رستو گم ٿي ويندو!

(بلندالحيدري، اترئين عراق جي ڪُرد علائقي ۾ ڄائو. عراقي صدر صدام حسين جي مخالفت ڪرڻ سبب 1982ع کان لندن ۾ جلاوطن هيو. 6 آگسٽ 1996ع تي 70 ورهين جي ڄمار ۾ لندن ۾ گذاري ويو. 1950ع جي ڏهاڪي کان، عربي لٽريچر ۾ آزاد نظم کي جدت ڏيندڙن منجهان آهي.)

## ترائيل

تنهنجي لاءِ ڪيترين ڳالهيون ڳُٽي،
تنهنجي گذرڻ وارو ساڳيو گس جهلي،
اڄ سويري ئي اچي بيهي رهيس،
جهول ۾ رابيل جون مکڙيون ڀري.
***

تون مگر آئين نہ ۽ گذري نہ وئين،
مان خيالن ۾ هئس ڏاڍو پري،
دڳ مٿي بيٺو ئي بس رهجي ويس،
جهول ۾ رابيل جون مکڙيون ڀري.
***

ايئن ٿي ڏسين، ڄڻ محبت ڪرين ٿي،
ايئن ٿي پڇين، ڄڻ تہ ڪا ڳالهہ ناهي:
تون اڻڄاڻ آهين، اها ڳالهہ ناهي،
ايئن ٿي ڏسين، ڄڻ محبت ڪرين ٿي.
***

نئين ڪا نہ ڪا روز حرڪت ڪرين ٿي،
شرارت کان خالي اها ڳالهہ ناهي:
ايئن ٿي پڇين، ڄڻ تہ ڪا ڳالهہ ناهي،
ايئن ٿي ڏسين، ڄڻ محبت ڪرين ٿي.
***

## پراڻو سو سڌ

مان ئي آهيان، مان ئي آهيان، مان ئي آهيان ملحد
ڇا لئہ پنهنجي ذات لڪايان، پاڻ پنهون آءُ آهيان آهيان،
اصلون اناالحق الايان، ٺاهہ ٺڳيءَ جا ڊاهيان ڊاهيان،
مان ئي آهيان ملحد

آدم ڪان ٻيو اڳ مہ آهيان، لوح قلم جي بات ٻتايان،
”ڪن فيڪون“ جي چال چلايان، ”ڪين“ منجهاران ”ڪُل“ بنايان،
عرش مٿي احڪام هلايان، فرش مٿي فردوس بنايان،
ازل ابد جي راند رچايان، مٿي پاٽي، ٺاهيان ڊاهيان،
سڀ ڪنهن صورت صاحب آهي، جُڳ جُڳ پنهنجو روپ مَٽايان،
ڪڏهين عيسىٰ، موسىٰ آهيان، ڪڏهين ڪرشن، رام سڏايان،
ڪڏهين احمد نانءُ رکايان، گوتم بنجي گيان ڪمايان،
طُور مٿي ٻيو پاڻ پسَايان، باهہ اندر گلزار بنايان،
وهہ وا رنگي رنگ رچايان، ڪثرت وحدت منجهہ سمايان،
ڪڏهن پوت پيوتي پانيان، هندو بڻجي تلڪ لڳايان،
ڪڏهين ممبر مسجد ٺاهيان، مومن جا مذڪور پڙهايان،
ڪڏهين ڪربل ڪنڌ ڪپايان، زهر پيان، سقراط سڏايان،
ڪڏهين سوريءَ سيج سجايان، ملڪ مڙئي منصور بنايان،
اول آخر ظاهر آهيان، سنڌ وطن جو ڏاهر آهيان:
مان ئي ملحد آهيان

ڪڏهن دل جي ديڳ دمايان، ڊونگ سچي جو ڊڪڻ لاهيان،
ڪڏهين لاٽ لطيفي ڳايان، سامي ۽ سرمست سڏايان،
ڪڏهن قرب قليچ ڪمايان، دردن جا درياهہ وهايان،
ڪڏهين سانگي پاڻ سڏايان، برهہ سندا ڪئين باغ بنايان،
ڪڏهين ”بيوس“ باغي آهيان، جاڳرتا جي جوت لڳايان،
محبت جو دستور هلايان، الفت جا اعلان ڪرايان،

فطرت جو فرزند سڏايان، پيار سندو پيغمبر آهيان،
اول آهيان، ثاني آهيان، ساڳيو ساڳيو سچ سڻايان،
چارڻ بنجي چٽنگ وڄايان، ينيٽ باھ پيو پڙڪايان،
ظلم ذلالت لعنت آهيان، شيخيءَ پيريءَ ڏينگو ڏاهيان،
آزادي جو ناد وڄايان، امن سندو جهندو جهولايان،
شيخ اياز اهو ئي آهيان، شوق منجهان "شمشير" سڏايان،
ماڻهو ليکي شاعر آهيان، پوءِ بہ الائي ڇا ڇا آهيان،
جوئي آهيان، سوئي آهيان، آهيان آهيان، ملحد آهيان:

مان ئي آهيان ملحد

**روح رهاڻ** حيدرآباد مئي 1965 ع

---

## ڀت وڏو ڏوهاري آهي
## (شيخ اياز جي نظم ”سچ وڏو ڏوهاري آهي“ جي پيروڊي)

ڀت وڏو ڏوهاري آهي
روز اول کان ڪاڙهيو ويو آ
ڏاڻن ۾ چيڀاڙيو ويو آ
ٿاري ٿاري ماريو ويو آ

ڪڏهن گيهه ٽڙڪايو ويو آ
لوڻ ڪڏهن ڇڙڪايو ويو آ
مرچن سان ڦڙڪايو ويو آ
ٽانڊن تي ٺهڪايو ويو آ
دم ڏيئي ڌمڪايو ويو آ

ها پر پوءِ بہ انهيءَ جي ساڳي
رهندي آئي ريت اياڳي:
جنهن جي پيٽ ۾ وٺ وجهي ٿو
تنهن جو سارو چين کسي ٿو
اڄ تو وٽ مهمان ٿيو آ
پوءِ بہ ڪڏهن تو هي سوچيو آ
ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي؟
ڀت وڏو ڏوهاري آهي!

## مان ڏوئي آن
## (شيخ اياز جي نظم ”مان ڏوهي هان“ جي پيروڊي)

مان ڏوئي آن، مان ڏوئي آن،
مون ڪيئي پت رڌيا آهن . . .

هن گهر جي گدلي رڌڻي ۾،
هيءَ پيچ جي پاڻِ بہ ڏوهي آ،
۽ ٻارڙو ڪوئي ڪڇڻيءَ لئہ
جي روئي تو تہ دروهي آ،
هي ڏوهہ نہ آهي، ماڻهو لئہ،
مون ديگ جي دلڙي موهي آ-
مان ڏوئي آن. . .

تو دانگيءَ سان وهنوار رکيو،
مون هڪ هتي سا نوڙي آ،
مون برياڻيءَ جي خوشبو سان،
ڪئي اقراتن جي موڙي آ-
مان ڏوئي آن. . .

هيءَ ڳاڙهي چٽڻي مرچن جي،
هيءَ سائي ياڇي مٽرن جي،
مون لاءِ ٻنهي ۾ ڦير نہ آ،
دل راس رهي بس جوڳيءَ جي:
هن گوشت مڇيءَ جي دوکي ۾،
تي دال ڳري سڀ توڳيءَ جي-
مان ڏوئي آن. . . .

جنهن وقت ٻکن ۾ باهہ تيل،
انسان گهرن ڏانهن موٽن ٿا،
جنهن وقت ڇَنن ۾ ڳاهہ تيل
سڀ جوان جنبوڙا جوٽن ٿا،
مان ديڳين کي ڪڙڪايان ٿي،
سڀ يار ڏندن کي کوٽن ٿا-

مان ڏوئي آن . .

مون آزاديءَ جي سئن هنئي،
مون لاٽا ڍڪڻ هَندين جا،
سي پيٽ هئا يا پاٽوڙا،
مون ڀپ ڀريا پرديسن جا:
سڀ ڏاٽو ڏاٽو چوندڻ ٿا،
ڪو يوڳ ڏسي ھي سيٺين جا-
مان ڏوئي آن. . .
مون ذات انوکي آندي آ،
تو ڀت وڙهي اڦراٽن سان،
هر ٻوڙ جي لذت پنهنجي آ،
مٽرن سان، آلو ٽماٽن سان:
تو تنهنجو ڀاري پيٽ ڏڪي،
ڪئين دالين جي سُرڀاٽن سان-
مان ڏوئي آن. . .

تون مون کي باھ ۾ ساڙيندين،
مان توکان مور نہ مرٽي آن:
جو سئو سئو ڏوئيون روز گهڙي،
تنهن ڊڪڻ سان مان پرٽي آن:
جا آڌيءَ مانجهيءَ ٻوڙ رڌي،
جا مرٽي پرٽي ڀت رڌي:
مان ورٽي آن، مان ورٽي آن-
مان ڏوئي آن، مان ڏوئي آن،
مون ڪيئي ڀت رڌيا آهن!

هفتيوار ”اعلان حق“ بدين 6.1.1992

## قطعا

نظر جي ڳالهه زبان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي،
اِها ئي ڳالهه جهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي:
هي ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي!

❖

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سرعام هر بات چوندا رهياسين:
اوهان ڪيترو ئي ڊپايو، ڌُتاريو،
اسين رات کي رات چوندا رهياسين.

27.7.1959

❖

دِل جي پُر شوق دلاسن تي هليا آياسين،
سُونهن وارن جي سَلامن تي هليا آياسين،
ڪنهن شهنشاهه جو فرمان اسان تي نه هَليو،
نينهن وارن جي نياپن تي هليا آياسين.

❖

درياهه کي قطري جي ضرورت سمجهو،
لڙڪن جي طلاطم جي حقيقت سمجهو:
دل دوست جي فرقت ۾ تي روئي جڏهين،
انسان جي انسان سان الفت سمجهو.

❖

جهانِ عشق جو سردار آخري آهيان،
حضورِ حسن ۾ حاضر وري وري آهيان،
ملنگ، مست، الستي، قلندري آهيان،
عجيب آهيان، هزارن ۾ ”حيدري“ آهيان.

❖

مشهور سندم نغمہ سرائي آهي،
هر حرف ۾ تدبير سمائي آهي:
مان جنهن کي جيئارڻ ٿو گهران، سو جيئندو،
تقدير جي تشريح اجائي آهي.

❖

درد جي لذت جڏهين بيدار ٿي،
دل سراپا جنت ديدار ٿي:
ڪيترين ئي الفتون جُهومي اٿيون،
هر گهڙي گذري نگاهِ يار ٿي.

❖

اڄوڪو ڏينهن بہ گذري ويو خيالن ۾،
اڄوڪي رات ڏکن جي پلا ڪُتي تہ سمهون:
ڪڏهن خيال، ڪڏهن انتظار ۾ آهيون،
اوهان جي ياد اسان کي سمهڻ ڏئي تہ سمهون.

❖

زماني جي تقدير بنجي چڪا،
نئون سج، نئون ڏينهن، نئين روشني:
انڌيرن جو رکوال سوچي پيو،
تہ ڪيئن مارجي فڪر جي زندگي.

ڪڏهن ڪڏهن تہ اوهين خود بہ ٿا وجو وسري،
اسان جي دل کي ڪڏهن ڪو قرار ئي ڪونهي:
اسان کي آهي زماني تي دسترس حاصل،
اوهان جي ياد کان ليڪن فرار ئي ڪونهي.

❖

ٻڌون ٿا تہ اڄ چاره گر ٺيڪ ناهي،

مليريا جو گويا مچر ٺيڪ ناهي،
ٿلهي جام تي سر جُهڪايو ٿا، قبلا،
اوهان جي بہ شايد نظر ٺيڪ ناهي.

❖

سهسين سهٽيون، سائر ٻوڙيون، سائر ٻوڙيو پاڻ،
انت بحر جي اندر جي ير ڪا نہ پئيسين ڄاڻ،
عمر سڄي ”شمشير“ گذاري پاڻ بہ سهٽن سان،
”سچل“ جي سرڪار ۾ پهچي، حُسن ڏٺوسين هاڻ.

## سندرتا کی جیت امر ہے

آج سی کتنی صدیاں پہلے
دھرتی کی اک سندربن میں آگ لگی تھی
جھپٹ جھپٹ کر، لپک لپک کر،
شعلوں نے یوں رقص کیا تھا
جنگل منگل راکھ اڑی تھی-

آج سے کتنی صدیاں پہلے
دھرتی کی اک سندربن میں پھول کھلے تھے،
چنچل شوخ ہوائیں ایسے ڈول رہیں تھیں
جنگل منگل مہک اٹھے تھے-

ندیا سب کچھ دیکھ رہے تھی
بادل، چاند ستارے، سورج، دیکھ رہے تھے
سات سمندر دیکھ رہے تھے
ساری دھرتی دیکھ رہی تھی
گھورے گھورے منش بھی دیکھے
اڑتے اڑتے پنچھی دیکھے
آگ لگی تھی،
پھول کھلے تھے

سندربن میں سندرتا اور کٹھورتا کے بیچوں بھاری جنگ لگی تھی،
انگاروں میں کیسے کیسے پھول کھلے تھے
پھولوں میں انگارے بھڑ بھڑ بھڑک رہے تھے
آگ برابر بڑھتی رہتی
پھول مگر سکاتے رہتے
جگ سارا ہی دیکھ رہا تھا

پلک چھپک میں
سندربن کا کونا کونا
دھواں دھواں
اندھیاروں میں ڈوب گیا تھا-
سسک سسک کر ندیا روئی
بلک بلک کر بادل روئے
سورج، چاند ستارے، دھرتی، سات سمندر روئے
منش نے رو رو کر سر ٹکرائے
گرتے گرتے پنچھی روئے
سندربن میں ایسی ہیا
سندرتا پر ایسی بپتا
دھرتی نے، آکاش نے کب دیکھی تھی پہلے،
پلک جھپک میں
سندربن کا کونا کونا
دھواں دھواں
اندھیاروں میں ڈوب گیا تھا-
جگ سارا ہی دیکھ رہا تھا،
پلک جھپک میں،
گھپ اندھیارے سارے چھٹ کر پھوٹ چلے تھے
آگ کہاں تھی؟
انگاروں کی راکھ پر ہرجا پھول کھڑے مسکاتے،
جگمگ جھوم رہے تھے
سندرتا کی جیت ہوئی تھی
کٹھورتا کی موت ہوئی تھی
آج سے کتنی صدیاں پہلے
سندربن میں آگ لگی تھی
جنگل منگل راکھ اڑی تھی

آج سی کتنی صدیاں پہلے
سندربن میں پھول کھلے تھے
جنگل منگل مہک اٹھے تھے
سندرتا اور کٹھورتا کے بیچوں بھاری جنگ لگی تھی،

سندرتا کی جیت ہوئی تھی
کٹھورتا کی مات ہوئی تھی

سندرتا کی جیت امر ہے
کٹھورتا کی مات امر ہے
تھیا پاپ کی پوجا والو
سندرتا کی پریت امر ہے

## دھمال

دم دمام نوبت باجے، لال کی نوبت باجے،
یہ نوبت ہیں شہباز کی،
شہباز کے پرواز کی،
پرواز کے انداز کی-
جھولے لال، جیوے لال، سوہنا لال،
دم دمام . . . .
نوبت ہے یہ وحدت والی،
سارے جگ سے الفت والی،
خیروبرکت، رحمت والی،
کیا شان ہے آواز کی-
دم دمام ....
آس کے دیپ جلانے آئی،
شاہا، تیری مہندی لائی،
رورو تجھ کو دی ہے دہائی،
دکھیا دوردراز کی-
دم دما دم.....
مولا علی کی لال قلندر
سندھڑی کی لجپال قلندر
گائوں میں تیری دھمال قلندر،
بیشک یہ صدا ہے راز کی
دم دما دم. . . .

موسیقار: فتح علی خان (پی ٹی وی کے لئے) ۲۲.۵.۱۹۸۵ع

## میں کہ اک تنہا مسافر

میں کہ اک تنہا مسافر
شوق منزل میں کئی برسوں سے چلتا جا رہا ہوں،
اک عظیم وبے نہایت کارواں کے ساتھ ساتھ
نے کوئی منزل معین
نے کوئی رخت سفر
اور ہے کوئی نہیں سارے قافلے کے ساتھ کوئی راہبر،
پھر بھی اک موہم انجانی لگن لے جا رہی ہے کھینچ کر-
کس طرف؟
کس مقامِ آخری تک؟
کوئی بھی تو اس عظیم وبے نہایت کارواں میں
واقفِ حالات وآگاہِ رخ فردا نہیں
میں کہ اک تنہا مسافر
اپنی ہستی میں غبارِراہ کا عالم لئے
ہر قدم، پر ایک منظر جو کہ گذرا
ذہن کی گوشوں میں سب باہم لئے
کارواں کے ساتھ ساتھ، کارواں سے دور دور
شوقِ منزل میں کئی برسوں سے چلتا جارہا ہوں-

اب کہ جب اہل سفر تھک ہار کر،
درماندہ وبے حال اور گم کردہ راہ
اک گھنے پُرہول جنگل میں اچانک آگئے ہیں،
رات پَر پھیلائے دوڑی آرہی ہے،
جاگ اٹھے ہیں قریب دور اندھیروں کے بھوت
چار سُو پر خوف آوازں کا شور
سوکھے پتوں پر سر کٹے، ازدہوں کی سر سراہٹ
اور بڑہتی جارہی ہے چھار سو خونخوار شیروں بھیڑوں کی
تیکھی نظروں کے سدا بیرحم شعلوں کی بھڑک
جیسے ہر اک سانس جم کر رہ گئی ہو
جیسے نبضِ وقت تھم کر رہ گئی ہو،

تب یکایک جیسے میرے ذہن کے گوشوں سے ہرگذرا ہوا منظر
نکل کر آرہا ہے سامنے
اپنی تاریخِ سفر کا ہر ورق لہراہا رہا ہے سامنے
یہ نشانِ اولین ہے میری رودادِ سفر کا؛
آگ کا دریا ہے یہ
خون کا دریا ہے یہ
داستانِ دردپیہم ، قتلِ صدخوباں ہے یہ،
صدیوں سے میں جسے اپنا وطن سمجھا کیا،
مجھ کو بتلایا گیا
وہ وطن میرا نہ تھا
اک بڑے گھر کی جگہ چھوٹا سا گھر اچھا رہے گا،
دوسرا منظر ہے یہ
آگ کا دریا ہے یہ بھی
خون کا دریا ہے یہ بھی
داستانِ درد پیہم ، قتل صدخوباں ہے یہ بھی
جو وطن میرا بنا
مجھ کو بتلایا گیا
وہ وطن میرا تھا
اک بڑے گھر کی جگہ چھوٹا سا گھر اچھا رہے گا
اور پھر یہ تازہ منظر ہے کی جس میں
آگ کا دریا بھی ہے
خون کا دریا بھی ہے
قتل صدخوبان بھی ہے
ڈر رہا ہوں
کوئی پھر مجھ کو بتلانے لگے
اک بڑے گھر کی جگہ چھوٹا سا گھر اچھا رہے گا،
میں کہ اک تنہا مسافر
شوقِ منزل میں کئی برسوں سے چلتا جارہا ہوں؟
کارواں کے ساتھ ساتھ
کارواں سے دور دور

۲۰۰۰ع

## فرزندِ سندھ
## (شھید ذوالفقار بھٹو کی یاد میں)

لوگو، غبارِ راہ کی رفتار دیکھنا،
وہ کون جارہا ہے سُوئے دار دیکھنا-

یہ تو کوئی عجیب دلاور دکھائی دے،
نظریں ملی موت سے، تکرار دیکھنا-

منصور بھی ہے، سرمد و دارا بھی ہیں یہاں،
مقتل پہ منتظر ہیں سبھی یار دیکھنا-

ویراں تھی اک زمانے سے قربانگاہِ عشق،
فرزندِ سندھ کر گیا گلزار دیکھنا-

اے فخرِ ایشیا، ہے امر تیری داستان
گاتے رہیں گے، تیرے طلبگار دیکھنا-

۹-۳-۲۰۰۹ ذوالفقار علی بھٹو کی شہادت پر پی ٹی وی پر گایا گیا

# الوداع

کون ہے؟
کون دروازے پے دستک دے رہا ہے؟
اس سمے،
رات کے پچھلے پہر،
برف برساتی ہوا میں؛
کوئی درماندہ مسافر؟
یا شہر سے آنے والی
حسن کے اپنے نوادر لانے والی
کوئی انجانی معزز حُسن بانو؟

مرحبا، اے معزز حسن بانو!
آیئے، آجائیے جلدی سے اندر،
میرے پیچھے پیچھے اس مشعل کی دھیمی روشنی میں-
توبہ توبہ، کتنی سردی پڑ رہی ہے گھر سے باہر!
کیسے آ نکلی ہیں آپ
ایسی یخ آلود طوفانی ہوا میں،
جس کی آوارہ تھپیڑوں سے جھلس جاتے ہیں چہرے کے گلاب!
جسم سارا آپ کا تھر تھر رہا ہے بیدِ لرزاں کے طرح،
کانپتے ہیں ہاتھ بھی، ہے لڑکھڑاہٹ پائوں میں
تُرکمانی اون کے اِس کشمشی کمبل کو کندھوں سے اتاریں اور رکھ دیں اُس بڑی صندوق پر،
اور یہ کچھ لکڑیاں صندل کی رکھی ہیں قریب سب اٹھا کر ڈال دیجئیے آگ میں تاکہ
اس سے آپ کے سانسوں کو خوشبو کو توانائی ملے-
تب تلک کرتا ہوں میں قندیل کافوری کو روشن تاکہ میں یہ دیکھ پاوں،
حسن کے کیا کیا نوادر آپ اپنے ساتھ لیکر آئی ہیں-

حسن کا دریا رواں ہے!
جس کی موجوں میں مچلتے رہتے ہیں موتی اچھوتی مسکراہٹ کے سدا،
جس کی لہروں پر نظر کے تیر کاری تیرتے رہتے ہیں ہر دم،

جس کی دھارے میں اچھلتی کودتی رہتی ہیں ہر لمحہ جوانی کی تھرکتی مچھلیاں،
جس کے کنٹھوں پر کھلے ہیں انگنت چاہت کے پھول؛
حسن کا دریا رواں ہے!
بے پناہ وبے کنار
جس کے ہر قطرے میں شب بیدار آنکھوں کا خمار،
جس کا ہر نظارہ قدرت کا انوکھا شاہکار،
حیرتوں ہی حیرتوں کے شیش گھر،
جس طرف کیجیئے نظر

آہ! کتنی دیر کردی آتے آتے اے معزز حسن بانو!
میں تو بس تیار ہی بیٹھا تھا اپنے ملک واپس جانے کو،
کررہا تھا بس سواری کا ہی اب تو انتظار
وہ کسی بھی لمحہ آئے گا اچانک آسمانی سرخ گھوڑا، اور بن مہلت دیئے ہوگا فرار-
ہاں مگر،
اے معزز حسن بانو،
تب تلک چھوٹی سی ہے اک التجا سن لیجیئے،
جس گھڑی وارد ہو بس وہ آسمانی سرخ گھوڑا،
. . . ہاں، اسی ہی اپنی گہری کائناتی خوش نظر سے،
لعللِ یمنی جیسے اپنے لال ہونٹوں کی مُدامی مسکراہٹ سے مجھے، کیجیئے گا الوداع
آپ کا یہ تحفہ، حسنِ تبسم میری ساری جستجو کا بے بدل سرمایہ ہوگا-

اک زمانہ ہوگیا
جب میں آیا تھا عدم کی دورافتادہ ولایت سے یہاں،
آپ کے شہر خوش آثار میں،
پیار کے انمول تحفوں سے بھرے صندوق لیکر-
ایک بس معمولی اور گمنام سوداگر تھا میں-
پھر میں اپنے ساتھ لایا پیار کی اعلی ترین اجناس کے عوض، جہانِ حسن کے نادر تحائف
کے بڑے سودے کئے جاتا رہا-

رنگ اور آواز کی جھل مل، کھنکتی اشرفیاں؛
مشک بو بالوں کا ریشم، دلربا ہونٹوں کی لعل،
شبنمی دانتوں کے موتی، چاندنی بانہوں کا مرمر،

کچه تو بیحد بے بہا چیزیں ملیں؛
دردِ دل، درد جگر، بیخوابی، چنتا، خواب، امیدیں، جفائیں، وادی، یادیں، اور کتنے قیمتی پتھر ملے-
ناز و انداز و تبسم، شوخی و شرارت کے بہت سے خوشنما گوہر ملے-
گیت مالائیں سریلے قہقھوں کی اور نسیمِ سحر جیسی ٹھنڈی ٹھنڈی مسکراہٹ کی فراواں
چاندنی، گرم اشکوں کی مچلتی بھاپ کے جوہر ملے ؛
سادگی، سچائی، قربانی، وفا، پاکیزگی، صبر وحیا کے جو عجیب تحفے مجھے حاصل ہوئے-
تھا نہ ہرگز ان کا کوئی مول-
میں نے بھی یکبارا اپنے ساری صندوقوں کے منہ بس کھول ڈالے؛
پیار کی جو جنس بھی لایا تھا میں،
حسن کے سودے میں بے پروا سب کچھ لٹاتا ہی رہا؛
کیسی کیسی بے بہا چیزیں یہاں لایا تھا میں،
کاش، وہ سب آپ پہلے دیکھ پاتیں، اک نظر اے حسن بانو!

ہجر کے فانوس وصل کے چراغ،
آس کی شمعیں، امیدوں کے دیے اور انتظار و بیقراری کی شرر انگیز آگ،
شوق کی خون ناب وخوشتر سرخیاںِ،
وسوسوں کی تمتائی لالیاں،
ڈر کے بُندے اور اُمیدوں کی جگمگ بالیاں-
اکھ لڑی کے سرمے کاجل، دل لگی کی مہندیاں،
چاہتوں کی چوڑیاں اور قربتوں کی چوٹیاں،
چھلے واعدوں کی نشانی، نسبتوں کی مندریاں
پیار کے پازیب، ارمانوں کی ابٹن، آرزو کے لونگ، افشاں عشرتوں کی،
موہ کے کنگن، وفا کے ہار، تنہائی کے آئینے، عروسی کے ٹکے-
اور سنیئے اے معزز حسن بانو، کیسے کیسے تھے تحائف میرے پاس، بے نظیر و بے مثل؛
علم کی مشعل، عمل کی دوربین،
عقل کی شطرنج، اس کے ساتھ مہرے فکر کے-
عزم کے صندوقچے، گلدان شعورِ زیست کے،
جن میں احساسوں کا عنبر، مشک جذبوں کی، حنا ذوقِ نظر کی اور یادوں کی گلاب-
پیار کا مقصد سمجھنے کے لئے،
آگہی کا جام، شربتِ زندگی کے فہم والے اور صراحیاں ہوش کی،
آہ، مجھ کو حسن کی سوداگری میں کیسے کیسے دلربا تحفے ملے،
اور میں نے بھی دیئے تحائف عجائب یادگار،

ہائے اتنے سال یوں بیت گئے،
کچھ نہ پائی وقت کی پیروں کی آہٹ کی خبر،
جیسے کل ئی اس حویلی میں میرا آنا ہوہا تھا-

پر معزز حسن بانو،
میرے اس زیتون کے مضبوط سوہنے پیڑ کو کیا گیا؟
پھل تو وہ کچھ سال سے اندر ہی اندر خود نگلتا رہتا ہیے،
دیکھتا رہتا ہوں اپنے اس چہیتے کی ادائیں اور مذاق،
چند پتے رہ گئے اب تو اس کی جان پر،
(یہ بھی شاید میری ہی نسبت کا ہوگا)
میرے سب ساتھی اسی ہی طرح لے جاتا رہا آسمانی سرخ گھوڑا-
(دیکھیے نا ہم سے قدرت کا مذاق، کتنا سنجیدہ پھر بھی کتنا سخت)

پر معزز حسن بانو،
آپ نے یہ تو سنا ہوگا ضرور،
کوئلے کا جو کرے بیوپار، اس کا منہ بھی کالا ہاتھ بھی
بس یوں ہی سمجھیں اسے؛
حسن کےسودے میں کوئی شاخ اور چنچل حسینہ مل گئی شاید میرے بالوں پہ اپنے ہاتھ کی تھوڑی سی چاندنی-
ہنس رہی ہیں آپ میری بات پر؟
کس قدر ہے خوبصورت یہ ادا؟
کچھ بھی سمجھیں آپ لیکن
شہر کی حسن بانو جانتی ہے میری ساکھ
اور ہاں اب تو میری واپسی ہے،
جا رہا ہوں شہر خوبان سے سمیٹے حسن کے سرمایے سارے،
زندگی کو پیار کا مفہوم دیکر،
شاہ سوداگر کی حیثیث لئے،
جا رہا ہوں پھر "عدم نگری" کی جانب-

ہاں مگر،
کیا ہوا وہ آسمانی سرخ گھوڑا کیوں نہیں آیا ابھی؟
وہ گھڑی جو بیت گئی،

اور جو بیتے گی اب،
کاش ہوجائیں یہی قدرت کے قدموں میں قبول!
معاف کیجئیے گا معزز حسن بانو،
میری باتوں پر نہ کیجئیے گا خوشامد کا گماں،
آپ نے جانا کہ میں تو پیار کے نادر تحائف ڈھیر لایا تھا یہاں-
اب تو صندوقوں میں کوئی خاک چٹکی بھر نہیں،
سچ کہوں گا، اے معزز حسن بانو
حسن کی سوگند، سراسر سچ کہوں گا؛
آپ جانِ حُسن ہیں،
حُسن کے جتنے بھی ہیں انداز سب
آپ ان میں سب سے مالامال ہیں-
زندگی میں جن کو بھی میں دیکھ پایا،
آپ جیسی تھی نہ کوئی بھی امیر جسم و صورت-
کاش، میں پہلے ہی دن دیکھ پاتا آپ کو،
اور اپنے پیار کے سارے تحائف آپ کے قدموں پے کردیتا نچھاور-
ایک مفلس کا وہ نذرانہ حقیر!

میں نے توگل کردیئے تھے شام سے ساری حویلی کے سبھی فانوس، قندیل اور مشعل،
سب ملازم، خاکروب، کل ہی فارغ کردیئے تھے-
مال سودے کا تو پہلے ہی روزانہ ہوگیا ملکِ عدم،
نفرتوں کی، بغض کی، دھوکے دغا اور حسد کی،
جو بھی چیزیں تھیں ملاوٹ میں ملیں-
وہ سبھی،
پھینک دی ہیں سب یہیں، اس حویلی کے صحن میں،
بس یہی حسرت رہی گی،
آپ کو کچھ پیش کرنے کے لئے تحفا نہ تھا!
اور کوئی چیز ماتھے میں کھٹکتی ہے میرے-
ہاں کوئی چیز ہے . . . یاد،
ٹھرنا، اے آسمانی سرخ گھوڑے،
چند ہی گھڑیوں کی مہلت چاہیئے
. . . آہ، تھا کس قدر بھاری دل مرا!
کچھ نہ ہونے سے تو بہتر، کچھ تو ہے

ليجئيے، يہ چٹکی احساسوں کے عنبر کی، معزز حسن بانو؛
يہ ذرا سی مشک جذبوں کی بھی لے لیں اور تھوڑی سی حنا ذوقِ نظر کی،
اور لیجئیے ایک یادوں کا گلاب،
جانے کیسے رہ گئیں یہ چند چیزیں طاق پر،
بس یہی کیجئیے قبول، اے معزز حسن بانو!

خوب، خوب
حسن بانو، تم تو سچ مچ دل کی بھی ہو برملہ بیحد امیر،
میں نے اپنے آخری احساس اور جذبے بھی تجھ کو دے دیئے،
اب کروں اظہار کیسے تجھ سے اپنے پیار کا-

کیا ہوا، کس سوچ میں ہو، حسن بانو؟
مجھ کو جانا ہی تو ہے،
تجھ کو رہنا ہی تو ہے،
جب تلک نازل ہو، وہ آسمانی سرخ گھوڑا،
آو ملکر کرتے ہیں روشن حویلی کے سبھی مشعل، سبھی قندیل، فانوس اور چراغ-
اور پھر،
ملکے ہم دینگے سلامی،
اپنے ساتھی، آج کی اپنی محبت کی گواہ،
اس اکیلے اور بوڑھے پیڑ کو-

میں مسلسل سن رہا ہوں،
کوئی اک مشتاق، فطرت کا مغنی،
اپنے ملکوتی عجائب ساز لیکر،
اک انوکھی لے پہ پراسرار آفاقی سروں میں،
گارہا ہے کوئی خاموشی کا نغمہ،
نیند کی دریا میں ڈوبی جا رہی ہیں-
ہاں، یہی تو واپسی کا گیت ہے؛
"آئیے، آجائیے جلدی سے اندر،
کس قدر سردی سے باہر"
حسن بانو،
میرے احساسوں کا عنبر، مشک جذبوں کی، حنا ذوقِ نظر کی اور یادوں کا گلاب-

يہ نشانیاں تیرے میرے پیار کی محفوظ رکھنا،
اور ہاں، اور روشن رکھنا یہ قندیل یہ فانوس اور مشعل سدا-
تاکہ اپنے آج کے شاہد اکیلے پیڑ کو
کوئی تاریکی کا سایہ گم نہ کردے
الوداع،
میری پیاری حسن بانو، الوداع!

۱۹۹۲ع سندھی نظم "الوداع" کا خودکردہ ترجمہ

# خیال کی بستی

حقیقتوں کو طبیعت کی روشنی پہنچی
نظر کے سامنے میرے، عجیب منظر تھا؛
بہت ہی دور بسی تھی خیال کی بستی،
قریب و دور فقط میرا ہی تصور تھا-

عجیب قسم کی تنہائیوں کا تھا ماحول،
بڑا وسیع تھا میدان، رات کا عالم؛
فضا میں خوف کے آثار تھے سبھی پیدا،
جہاں کے سارے اندھیرے وہیں پہ تھے باہم-

مصیبتوں کی اِسی رات پر نظر رکھ کر،
مجال ہے دیے کو کہ وہ رہے قائم؛
کرے تو کون بھلا آکے اتنا کچھ حیلا،
مٹاکے خود کو، دیے کو رکھے صحیح سالم-

مصیبتوں کی اِسی رات پر نظر رکھ کر
یقین کا تو یہاں وہم ہی گذرتا ہے؛
مگر خیال کی بستی میں کیا نہ تھا ممکن
ہوا کے دوش پہ شعلے کی پرورش کیا ہے-

یہاں تو نور نچوڑے ہے کوئی آنکھوں کا،
انڈیلے جاتا ہے دم دم دیے میں آبِ حیات؛
بڑھائے جاتا ہے پل پل، ذرا ذرا ہٹ کر،
بنا کے رکھے ہیں عالم پناہ اپنے ہاتھ-

دیے کی لو جو گئی بجھ تو پھر کیا ہوگا؟
ابھی تو کتنے محبت کی مرحلے ہوں گے؛
پھر آج رات کو موملِ کا حال کیا ہوگا،
صبح کی رانو کے کس طور سلسلے ہوں گے؟

یقیں ہے آئینگے آئندہ آنے والے یہاں،
کرینگے آکے یہیں اپنے وقت کی منزل؛
کوئی تو ان کے لئے روشنی چاہئے،
کرینگے گرم جو بڑھ چڑھ کے عزم کی محفل-

محبتوں کے وہ مرد ایسے پہلواں ہونگے،
کرینگے دن کو مسخر، رات کو برہم؛
فلک کا اوج قدم اُن کے آکے چومے گا،
نرالے نُور کے مشعل جلائنگی پہیم-

دیے کی لَو تو کسی حال میں رہے قائم،
یہی ہے میرے مقدر کا فیصلہ ٹھہرا؛
پہاڑ جیسے ارادے ہیں میرے سینے میں،
ہوا کی زور سے زیادہ ہے حوصلہ میرا-

حقیقتوں کو طبیعت کی روشنی پہنچی،
نشانِ راہ ہے دانائے وقت کی محنت؛
ہے نُور فکر سے روشن خیال کی بستی،
صریر خامہ سے ہے کائنات میں حرکت-

(سندھی نظم "لاٹ" کا خود کردہ ترجمہ)

## کاک محل

زندگی کاک محل ہے کوئی رنگین و حسین
جسمیں مومل کی طرح نازکناں مقصد زیست
دور سے دل کو لبھاتا ہے قریب آتا نہیں
کون ہے پار کرے جو رہ مشکل آگیں-

جو بڑھے آگے وہی کھائے فریب پیہم
جادونگری سے بھلا کون بچے کس کی مجال
کچھ کو نومیدی ڈراتی ہے ہلاکر جبڑے
دیکھ کر موت کی ڈائن کئی ہوتے ہیں نڈھال-

روز امید نئے ڈھنگ سے کرکے سنگھار
اپنی سج دھج سے لبھاتی ہے ہر دل کو
عارضی حسن میں کھوجاتے کتنے ہی جواں
ہو کے گمراہ بھلا دیتے ہیں وہ منزل کو

کون ہے جو راہ کو کئے کرکے جو پائے مومل
جان جادو سے بھلا کوئی چھڑائے تو سہی
دیکھ کر رقص حسیناوں کا لاہوتی کوئی
بے نیازانہ قدم کوئی بڑھائے تو سہی

ہاں جو رانا ہیں وہی پائیں گے منزل اپنی
جادونگری کے طلسمات بکھر ہی جائیں گے،
عقل اور عزم کے رانا جو بڑھے ہیں آگے
اپنے حالات کی مومل کو وہی پائیں گے

مال وزر پر نہ جھکے، کاک سے روکے نہ گئے
اہل دل بڑھتے گئے، رقص کرکے تہ و تاراج
آخر پھر شاہ بھٹائی کی مجھے یاد آئی
اپنی مومل سے ملاقات کی پھر دھوم ہے آج-

(سندھی نظم "کاک محل" کا ترجمہ : محسن بھوپالی)

# دیے کی لو

حقیقتوں کو مزاجوں کی روشنی سمجھی
مری نگاہ کے آگے عجیب منظر تھا
پرے بہت ہی پرے تھی خیال کی بستی
قریب و دور فقط میرا ہی تصور تھا
عجیب قسم کی تنہائیوں کا تھا ماحول
بڑا وسیع تھا صحرائے ذات کا عالم
فضا میں خوف کے آثار ہوگئے پیدا
اندھیرا سارے جہاں کا جہاں ہوا باہم
عجیب خوف ہے شق ہوگیا ہوا کا دل،
تڑپ تھی، چیخ تھی اور بجلیوں میں وحشت تھی
ہر ایک سمت ہی طوفاں کے دیو رقصاں تھے
فضا کے خوف سے دھرتی پہ ایک دھشت تھی
مصیبتوں کی اسی رات پر نظر کرکے
مجال کیا تھی دیے کی جو روشنی کرتا
کسے پڑی تھی کہ طوفان کے سامنے آتا
مٹاکے خود کو دیے میں جو زندگی بھرتا
مصیبتوں سے بھری رات پر نظر کرکے
یہ سوچتا ہوں کہ اب حدِ آگہی کیا ہے
بھلا خیال کی بستی میں کیا نہ تھا ممکن
ہوا کی گود میں شعلے کی زندگی کیا ہے
مگر جو شخص لٹاتا ہے نور آنکھوں سے
دیے میں روشنی ہر دم وہی جگاتا ہے،
دیئے کی لَو جو بڑھاتا ہے خون سی اپنی
حصار دامنِ دل سے وہی بناتا ہے
دیے کے لو جو بُجھی روشنی کہاں ہوگی
مسافرانِ محبت کا حال کیا ہوگا

ملیں گے موڑ تو بھٹکے گی آج کی مومل
کہاں سے قافلہ آئے گا دن کے راجہ کا،
یقیں ہے آئیں گے اور آنے والے بھی
یہیں پہ اہل وفا کی بنے گی اک منزل
کوئی تو روشنی ان کے لئے بھی لازم ہے
جو آئینگے تو سجائینگے عزم کی محفل
پر عزم و حوصلہ ہونگے یہ رہروانِ وفا
ہوا کو زیر کرینگے تو رات کو برہم
فلک کا اوج بھی قدموں کو ان کے چومے گا
انوکھے نور کی شمعیں جلائیں گے پیہم
دیے کی لو کو ہمیشہ ہی اُونچا رکھنا ہے
یہی تو میرے مقدر کا فیصلہ ٹھیہرا
پہاڑ جیسے ارادے ہیں میرے سینے میں
ہوا کے زور سے بڑھ کر ہے حوصلہ میرا
حقیقتوں کو مزاجوں کی روشنی سمجھی
ہمارے دور کو فہم و خردنے دی عظمت
زمانہ چھوڑ کے آیا خیال کی بستی
انوکھے نور کے روکے گی کیا کوئی طاقت

(سندھی نظم "لاٹ" کا ترجمہ :سلطاں جمیل نسیم)

# انقلاب کی سرحد

حسین ابنِ علی کو شہید ہونا پڑا
خدا کی راہ میں انصاف بھی کچلتا رہا
فلک نے ظلم کا یہ اہتمام دیکھا تھا
قضا کو دین کی خاطر یزید بننا پڑا

ہمیشہ جھوٹ چلا جبر کے سہارے سے
دبایا سچ کو بھی تقدیر کے حوالے سے
چلا ہے رات کا الزام چاند تاروں سے
عجیب مذاق اندھیروں کا ہے اجالوں سے

جو زہر پی گیا سقراط ایک سچ کیلیئے
بنا وہ پھولوں پہ شبنم یا نور تاروں کا
حیات جس کی طلب میں رہی ہے سرگرداں
وہی تو وقت کے دل کا سرور ٹھہرا تھا

گلے کا طوق بدلتا رہا زمانے میں
کرو حساب جو صدیوں کا خود ہی دیکھو گے
صلیب میں سے بھی آئی بھار کی خوشبو
عجیب ہوتی ہے یہ انقلاب کی صورت

ہر لمحہ زمانے کی زندگی ہے مگر
ہزاروں سال بھی تاریخ میں ہیں کھوئے ہوئے
جہاں جہاں بھی جھکا حق کے سامنے باطل
افق پہ چمکی وہاں انقلاب کی سرخی

کسے خبر ہے کہاں آفتاب کی سرحد
بتائے کون کہ کیا ہوگی خواب کی سرحد
کروڑوں ذہن ہیں اور اک کتاب کی سرحد
وسیع ہے آج بھی اک انقلاب کی سرحد

(سندھی نظم "انقلاب کی سرحد" کا ترجمہ : سلطان جمیل نسیم)

**Der stille Brantgeschenh**

Dort wo der anfang aus dem ende taucht,
Auf himmelshohen, liegt die stadt ldes lebens
Vor ihre to dehnt sich ein weiter park
Voll prachting bunter blumen
In vershwendersicher kostbarkeit
Dars land der einsamkeit und stille
Wundersam und rugi ist der garten
Und drain ain gartner sehnt sich
Nach der ain gartner sehnt sich
Nach der kkonigstocher aus dem femen land,
Die e nie gesehn, doch deren bild
Aufsteig aus den tiefen seines herzens
Wo das blut als rote trane rollt
Wo die strome bitt ren leids entspringen,
Die das sonnen hiebe erdri tmaken
Und die strahlend rotten rosen seiner liebe
Dann aonen spatter, enes hellen morgens,
Kommt die kngstocher endlich, si dies aufruhr nur und drangsal
Kennt, dei so
Schon und rastlos wie das lebn,
Si gereizt und auch so launish ist,/sie verzuckt deb gartner
Merh noch als der duft der rosen
Doch ihr lacheln spiegelt
Ein zerribnes herz
In senhnsucht breitet
Die prinzessin ihre wiechem
Liebescheweren arme aus,
Umschilingt den gartner,
Gibt sich ihm uzu eigen,
Und sei fugt sich weinend
In ihr neus leben,
Das aus jahem schmerz,
Aus pein und leid bestehen wird,
Shamsher Hyderi

**Translated from Sindhi poem “peshkesh” into German by GRED lupke**

## Life

From a distance a wave arose,
Fleeting it came to the shore,
Against rocky soil it knocked its head,
And reduced it is thousands golden grains:
From its hearts a magical melody came,
Till it merged itself in the same source.

In the fathromless bottom of the vast ocean,
Peerless pearls are made in opulent oysters,
Many bands of memaids in it are masquerading,
Hilaruiously hiding nad seeking and plaing,
Each is holding a heap of rubies and pearls
In their skirts of sunlit slivery garments,
Each doth shower them from their bowers
And making Jupiter feel jealous of them

Translated from sindhi Poem “untt Bahar mein” into English by late tirathdas Hotchand.